ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   آچر 06 سيپٽمبر 2026ع 23 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (22)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

# سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪبو: بلاول ۽ صدر زرداري جي ملاقات ۾ عزم جو ورجاءُ

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي پنهنجي والد ۽ ملڪ جي صدر آصف علي زرداري سان لنڊن ۾ اهم ملاقات ٿي، بختاور ڀٽو زرداري به شرڪت ڪئي

ملاقات 5 ڪلاڪن تائين جاري رهي، جنهن دوران بلاول ڀٽو صدر پاڪستان جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ملاقات دوران فريال ٽالپر جي تقرير به بحث هيٺ آئي

ملاقات ڪانپوءِ بلاول ۽ بختاور ڀٽو زرداري پنهنجي رهائشگاهه ڏانهن روانا ٿي ويا، ايندڙ ڪجهه ڏينهن تائين لنڊن ۾ موجود رهندس: پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري

لنڊن (رپورٽ: مجيد عباسي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي پنهنجي والد ۽ ملڪ جي صدر آصف علي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جو ڌرڻو 21هين ڏينهن ۾ داخل

هڙتال ثابت ڪري ڇڏيو ته 25 ڪروڙ عوام پيٽروليم ليوي کي رد ڪري ڇڏيو آهي: منعم ظفر

حڪمرانن عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي، واپاري ۽ صنعتڪار سڀ پريشان آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان گورنر هائوس ٻاهران ڌرڻي جي 21هين ڏينهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

## سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين: سعديه جاويد

مصطفيٰ ڪمال ميڊيا ڪوريج ۽ عوامي توجهه ماڻڻ لاءِ سياسي ڊرامابازي ڪندو رهندو آهي

عوام جي چونڊيل نمائنده اسيمبلي سنڌ جي ورهاڱي جي هر سازش کي اڳ ئي رد ڪري چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال جي سنڌ جي انتظامي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف واپارين سان ڳالهائي رهيو آهي

## 24 ارب روپيا مڪمل طور ڪاروباري برادري جي سهولت لاءِ سيڙپڪاري لاءِ رکيا آهن: وزيراعظم

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ فنڊ جي حوالي سان اجلاس ٿيو

ملڪ ۾ ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي هٿي ونائڻ لاءِ هي انتهائي ساراهه جوڳو قدم آهي: شهباز شريف

اهي قدم پاڪستان حڪومت جي ملڪي معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ روانگي واپار ۾ اضافي جي عزم جي عڪاس ڪن ٿا

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ فنڊ ۽ ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان خاص ڪري ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن لاءِ روانگي واپار جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## بلوچستان ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ادارن وچ ۾ سهڪار جاري رکيو وڃي: فيلڊ مارشل

ڪوئيٽا گيريزن جي دوري دوران آرمي چيف کي سڪيورٽي صورتحال ۽ آپريشنل تيارين بابت بريفنگ ڏني وئي

صوبي جو عوام جي امن، خوشحالي ۽ ڀلائي کي رياستي ڪوششن جو مرڪز آهي: سيد عاصم منير

امن امان ۽ مسلسل معاشي سرگرمين ۽ ترقي لاءِ سازگار ماحول برقرار رکيو وڃي: خطاب

ڪوئيٽا: فيلڊ مارشل عاصم منير کي ڪوئيٽا ڇانوڻي ۾ بريفنگ ڏني پئي وڃي

راولپنڊي (م د) آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير اين آءِ (ايم)، ايڇ جي، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

## وطن عزيز لاءِ شهيدن ۽ غازين جون قربانيون قومي تاريخ جو فخر آهن: سردار عبدالرحيم

يوم دفاع تي 1965ع جي جنگ جي شهيدن ۽ پاڪ فوج جي بهادر جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

حر مجاهدين پير پاڳاري جي قيادت ۾ وطن جي دفاع لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم يوم دفاع پاڪستان جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته 6 سيپٽمبر اسان کي 1965ع جي جنگ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

## سوڊان جي ڏکڻ ڪردوفان ۾ ٻن حملن ۾ 26 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

خرطوم (اي پي پي) سوڊان جي ڏکڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

## نائيجيريا ۾ پيٽرول چوري ڪرڻ دوران زهريلي گيس ڦهلجڻ سبب 37 ڄڻا فوت

ابوجا (اي پي پي) نائيجيريا جي تيل پيدا ڪندڙ رياست ريورز ۾ پائيپ لائين مان

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

## ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

## وزير دفاع سوشل سيڪيورٽي اسپتال سيالڪوٽ جي ري ويمپنگ ۽ اپ گريڊيشن جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سيالڪوٽ (اي پي پي) دفاع واري وفاقي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس اهلڪار زخمي، گهرو وزير پارا جوابدار گرفتار ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي جي جام صادق پل تي فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو پوليس موجب واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن سنڌ جي گهرو وزير ضياء

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

## ڪراچي ۾ عورت تي تيزاب هاريندڙ جوابدار کي پنجاب مان گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ابر ڪري ۾ عورت تي تيزاب هارڻ واري واقعي ۾ ملوث جوابدار کي پوليس پنجاب مان گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب جوابدار واقعي ڪانپوءِ ڪراچي مان فرار ٿي پنجاب پهتو هو جتي ڪارروائي ڪندي ڪيس حراست ۾ ورتو ويو ڊي آءِ جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2



FFC Partner in Prosperity
From courage to cultivation, we stand for Pakistan.
PAKISTAN HAMESHA ZINDABAD
This **Defence Day**, FFC pays tribute to every patriotic Pakistani who plays a part in keeping Pakistan safe, stable and strong.
www.ffc.com.pk | Faujifertilizercompany | Fauji Fertilizer Company Limited | /FFC

1965 ستمبر یوم دفاع پاکستان
وطن عزیز کی سلامتی کیلئے دشمنوں کے خلاف سینہ سپر
ہر محافظ کو سلام
DEFENCE & MARTYRS DAY OF PAKISTAN 6 SEPTEMBER 2026
وزارتِ اطلاعات ونشریات
حکومتِ پاکستان
URAAN PAKISTAN
/GovtofPakistan | govtofpakistan | @GovtofPakistan | @govtofpak | www.moib.gov.pk

[redacted]

زرداري سان اهم ملاقات ٿي جنهن ۾ سنڌ جي ورهاڱي بابت پيپلز پارٽي جي موقف تي قائم رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ملاقات لنڊن ۾ آصف زرداري جي رهائشگاهه تي ٿي جنهن ۾ بختاور ڀٽو زرداري به شرڪت ڪئي. ملاقات 5 ڪلاڪن تائين جاري رهي، جنهن دوران بلاول ڀٽو صدر پاڪستان جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ملاقات ۾ سنڌ جي ورهاڱي بابت پيپلز پارٽي جي موقف تي قائم رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته ملاقات دوران فريال ٽالپر جي تقرير به بحث هيٺ آئي. ملاقات کانپوءِ بلاول ۽ بختاور ڀٽو زرداري پنهنجي رهائشگاهه ڏانهن روانا ٿي ويا. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته هو ايندڙ ڪجهه ڏينهن تائين لنڊن ۾ موجود رهندو

[redacted]

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پيٽرول پمپ ليڪس خلاف هي ڌرڻو 25 ڪروڙ عوام جي آواز بڻجي چڪو آهي هن چيو ته 3 سيپٽمبر جي هڙتال ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته 25 ڪروڙ عوام پيٽروليم ليوي کي رد ڪري ڇڏيو آهي هڪ ليٽر پيٽرول تي عوام کان 85 رپيا وصول ڪيا پيا وڃن جڏهن ته شهباز شريف جي دور ۾ پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 1337 ارب رپيا وصول ڪيا ويا آهن منعم ظفر خان چيو ته ڊيزل جي قيمت ۾ 233 رپين جو اضافو ٿي چڪو آهي حڪمرانن عوام کان جيئڻ جو حق ڪسي ورتو آهي واپاري برادري ۽ صنعتڪار سڀ پريشان آهن. جيڪڏهن صنعت جو ڦيٿو نه هلندو ۽ ڪاروبار نه ٿيندو ته ماڻهو بيروزگار ٿيندا. هن چيو ته حڪمرانن مهانگائي ذريعي عوام کي پيهي ڇڏيو آهي عوام 3 سيپٽمبر جي هڙتال کي ڪامياب بڻائي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو جيڪو ساراهه جوڳو آهي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم تعصب کي هٿي ڏئي رهيون آهن پيپلز پارٽي کي سنڌي ڳالهائيندڙن سان همدردي هجي ها ته 78 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر نه هجن ها. هن چيو ته 18 سالن کان اقتدار ۾ رهندڙ پيپلز پارٽي جي حڪومت کي عوام جي ڪا به پرواهه ناهي تعليم تي 4 هزار ارب رپيا خرچ ڪيا ويا، پر خواندگي جي شرح گهٽجي وئي سنڌ جي اندروني علائقن ۾ 27 هزار ۽ شهري علائقن ۾ 4 هزار تعليمي ادارا آهن جڏهن ته 10 هزار تعليمي ادارن ۾ واش روم جي سهولت به موجود ناهي منعم ظفر خان چيو ته اها صورتحال نااهلي ۽ ڪرپشن جو سنگم بڻجي چڪي آهي سنڌ کي جهالت جي اونداهين ۾ ڌڪڻ حڪمرانن جو وطيرو بڻجي ويو آهي شهرن ۾ خواندگي جي شرح رڳو 33 سيڪڙو آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي وارا بار بار چوندا رهيا ته بينظير کي ڇا جواب ڏينداسين. پر انهن کي سوچڻ گهرجي ته قيامت جي ڏينهن الله کي ڇا جواب ڏيندا. صوبي ۾ صحت جا ادارا تباهه ٿي چڪا آهن. ورليڪا اسپتال ۾ فوت ٿيل ٻارن جي والدين جو ڪو پُڇڻ وارو ناهي جڏهن ته 200 کان وڌيڪ ٻار ايڇ آءِ وي جو شڪار ٿي چڪا آهن. هن چيو ته دهلي اسڪول عدالتي حڪم تي بند ڪيو ويو ٻار روڊ تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. پر تعليم واري وزير ڪمشنر سميت ڪنهن به اتي وڃڻ جي زحمت نه ڪئي. منعم ظفر خان چيو ته جماعت اسلامي انهن حالتن ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندي. ڌرڻي ۾ ظلم جو شڪار ٿيل ماڻهن سان گڏ هر طبقي جا ماڻهو به شرڪت ڪري رهيا آهن هن اعلان ڪيو ته مطالبن جي منظوري تائين ڌرڻو جاري رهندو ۽ ان شاءَ الله ظالم حڪمرانن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪنداسين

[redacted]

يونٽن بابت بيان تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته انتظامي يونٽن جي نالي تي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي ايم ڪيو ايم کي جيڪڏهن سنڌ جي ورهاڱي بابت ڳالهائڻ جي همت هئي ته اها ڳالهه اسيمبلي جي فلور تي ڪري ها. سعديه جاويد چيو ته ڪراچي کي ست ضلعن ۾ ورهائڻ ۽ سنڌ کي ورهائڻ به الڳ معاملا آهن پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي ضرورتن ۽ انتظامي سهولتن کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪندي آهي ڪراچي جي انتظامي ڍانچي جو مثال ڏئي سنڌ جي ورهاڱي جو جواز پيش نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته سنڌ ڪو انتظامي نقشو ناهي، جنهن کي جڏهن چاهيو ورهائي ڇڏيو وڃي. سنڌ هزارين سالن کان قديم تهذيب، تاريخ ۽ ثقافت جي سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي سنڌ جي عوام جي چونڊيل نمائنده اسيمبلي سنڌ جي ورهاڱي جي هر سازش کي اڳ ئي رد ڪري چڪي آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ ڪوٽا سسٽم جي خاتمي جي ايتري ئي ڳڻتي آهي ته سوال اهو آهي ته مشرف جي دور ۾ ان جو خاتمو ڇو نه ڪرايو ويو؟ اڄ به جيڪڏهن توهان وفاقي حڪومت جو حصو آهيو ته ڪوٽا سسٽم جي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻي ڏسي وٺو سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم جي پاڻمرادو نااهيل اڳواڻن جي حالت اها آهي ته انهن جا پنهنجا ايم پي ايز به سندن ڳالهه نٿا مڃين. جيڪڏهن اهي واقعي سنڌ جي ورهاڱي واري موقف تي سنجيده هجن ها ته سندن ڪو نه ڪو نمائندو ضرور اسيمبلي جي فلور تي اهو معاملو کڻي اچي ها. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏنل آئين عوام کي

پارٽي جي سياست ۽ سوچ جي سڃاڻپ آهي اسان جي سياست ملڪ کي جوڙڻ جي آهي ورهائڻ جي نه سعديه جاويد چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي نه پاڪستان کي لساني بنيادن تي ورهائڻ ڏيندي ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي بنياد تي. وفاق پاڪستان جي يڪجهتي ۽ مضبوطي لاءِ پيپلز پارٽي فولاد جي ديوار بڻجي بيٺل آهي ۽ هميشه بيٺل رهندي

[redacted]

انشورنس ڪوريج فراهم ڪرڻ جي آجيان ڪئي آهي ڇنڇر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ ايڪسپورٽ ڊوليپمينٽ فنڊ جي حوالي سان اجلاس ٿيو وزيراعظم چيو ته 3 ارب رپين جو رسڪ پول خاص ڪري ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن لاءِ ايڪسپورٽ ڪريڊٽ انشورنس تائين پهچ کي وسعت ڏيڻ آهي ان فيصلي سان ڪاروباري برادري کي روانگي واپار ڪرڻ جو ڳاڻيٽو وڌائڻ ۾ سهولتون ملنديون وزيراعظم چيو ته ملڪ ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي هٿي وٺائڻ لاءِ هي انتهائي ساراهه جوڳو قدم آهي. وزيراعظم ملڪي معيشت کي هٿي ڏيڻ لاءِ سڌارن تي ايڪسپورٽ ڊوليپمينٽ فنڊ جي ٽيم جي حوصلا افزائي ڪئي هن چيو ته نئين سر تنظيم ۽ سڌارن کان پوءِ اي ڊي ايف جي قيادت نجي شعبي جي ماهرن جي ڪئي وئي آهي. اي ڊي ايف وٽ موجود سڄو سرمايو ڪاروباري برادري جي سهولت لاءِ ڪتب آندو پيو وڃي اهي قدم پاڪستان حڪومت جي ملڪي معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ روانگي واپار ۾ اضافي جي عزم جي عڪاس ڪن ٿا. وزيراعظم چيو ته انهن قدمن ذريعي پاڪستان عالمي سطح تي سيڙپڪاري جو مرڪز بڻجندو هي سمورا قدم روانگي واپار تي ٻڌل معيشت کي هٿي ڏيڻ جي عزم جي تڪميل لاءِ کنيا پيا وڃن اجلاس ۾ وزيراعظم کي اي ڊي ايف جي نئين سر تنظيم سازي ۽ سڌارن جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ايف ڊي ايف وٽ موجود 24 ارب روپيا مڪمل طور ڪاروباري برادري جي سهولت لاءِ سيڙپڪاري لاءِ رکيا ويا آهن وڏيڪ انفراسٽرڪچر جي مد ۾ ڪنهن قسم جو خرچ نه ڪيو ويندو اي ڊي ايف ۾ ملڪي معيشت جي ترقي ۽ ڪاروباري برادري جي سهولت لاءِ تحقيق، اسڪلز ڊوليپمينٽ ۽ چئاپيٽي ۾ واڌ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن پاڪستان جي يورپي مارڪيٽن تائين پهچ لاءِ خاص رعايتن واري واپاري نظام (جي ايس پي پلس اسٽيٽس) ۾ واڌ جي حوالي سان قدم کنيا پيا وڃن اجلاس ۾ نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزير محمد اورنگزيب، راڻا تنوير حسين، جام ڪمال خان احد چيمه ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي

[redacted]

فورسز (COAS & CDF) ڪوئيٽا گيريزن جو دورو ڪيو جتي هن فيلڊ فارميشنز جي ڪمانڊرن ۽ ڪمانڊنگ آفيسرن سان ملاقات ڪئي دوري دوران چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز کي بلوچستان ۾ موجوده سڪيورٽي صورتحال، آپريشنل تيارين ۽ صوبي ۾ امن ۽ استحڪام برقرار رکڻ لاءِ جاري قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان کان علاوه اداري جي سطح تي رابطي ۽ بلوچستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ سهڪار بابت معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فوجي جوانن جي اعليٰ پيشوراڻي معيار آپريشنل تيارين ۽ بي لوث عزم کي ساراهيو هن امن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ مسلسل معاشي سرگرمين ۽ ترقي لاءِ سازگار ماحول برقرار رکڻ خاطر قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين رياستي ادارن وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي جاري رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو فيلڊ مارشل ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته بلوچستان جي عوام جو امن خوشحالي ۽ ڀلائي رياست جي ڪوشش جو بنيادي مرڪز آهي هن زور ڏنو ته هڪ مستحڪم ۽ محفوظ ماحول ترقياتي منصوبن معاشي موقعن ۽ صوبي جي عوام لاءِ بهتر مستقبل جا امڪان پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز شهيدن جي قربانين کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ پنهنجي فرضن جي ادائيگي دوران آفيسرن ۽ جوانن جي ثابت قدم عزم ۽ لگن کي ساراهيو ڪوئيٽا پهچڻ تي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جي آجيان ڪمانڊر ڪوئيٽا ڪور ڪئي

[redacted]

جي انهن بهادر سپاهين ۽ محب وطن پاڪستانين جي قربانين جي ياد ڏياري ٿو جن وطن عزيز جي دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون هن چيو ته حر مجاهدين پير صاحب پاڳاري جي قيادت ۾ 1965ع جي جنگ دوران پاڪ فوج سان گڏجي وطن جو دفاع ڪيو ۽ دشمن جا ارادا ناڪام بڻائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو حر جماعت جي حب الوطني قربانيون ۽ پاڪستان جي دفاع لاءِ خدمتون اسان جي قومي تاريخ جو فخر جوڳو حصو آهن سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل پنهنجي شهيدن غازين ۽ پاڪ فوج جي بهادر جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿي

اهو عهد ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اسان پاڪستان جي سالميت، خودمختياري ۽ دفاع لاءِ ڪنهن به قرباني کان [illegible] نه ڪنداسين پاڪستان هميشه قائم ۽ دائم رهي، اسان جي شهيدن ۽ غازين جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون

[redacted]

۾ ايراني تيل جي برآمدات جي اهم مرڪز خارگ ٻيٽ کان 6 ميل جي فاصلي تي چٽن آمريڪي ميزائلن ذريعي نشانو بڻايو ويو. تسنيم مقامي ذريعن جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته واقعي ۾ ڪو به زخمي نه ٿيو ۽ جهاز جو عملو اتان نڪري رهيو هو. ايراني اختيارين اڃا تائين ان معاملي تي ڪو بيان جاري ناهي ڪيو. جڏهن ته آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽ ڪام) به ان بابت ڪو تبصرو ناهي ڪيو. گذريل هفتي ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي هٿراڌو ڏاهپ واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) جي مدد سان تيار ڪيل هڪ وڊيو پوسٽ ڪئي هئي جنهن ۾ هن لکيو هو ته خارگ ٻيٽ ”ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيو آهي“. ايراني اختيارين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن خارگ تي حملو ڪيو ويو ته هو ان جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو

[redacted]

تقريب ۾ ترڪ جنرل اسٽاف جي ڪمانڊر جنرل سيلڪوڪ بايرا ڪتار اوغلو ترڪ لينڊ فورس جي ڪمانڊر جنرل معين توڪل ترڪ نيول فورس جي ڪمانڊر ايڊمرل ايريڪيومينٽ تتلي اوگلو ۽ ترڪ فضائيه جي ڪمانڊر جنرل رافت ڊالڪيران اڳوڻي نائب وزيراعظم ۽ صحت واري وزير علي اوضل شرڪت ڪئي ڇنڇر ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب تقريب ۾ سيڪريٽري جنرل ڊي-8 سهيل محمود، ملٽري اتاشي، سينئر ترڪ عملدارن پاڪستاني ڪميونٽي جي ميمبرن ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي تقريب ۾ پاڪستان جي سفير ڊاڪٽر يوسف جنيد پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ پاڪستاني قوم ۽ هٿياربند فوج جي جرئت، بهادري ۽ اتحاد کي اجاگر ڪيو هن قومي دفاع، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ گڏيل قومن جي امن مشن ۾ پاڪستاني اهلڪارن جي خدمتن ۽ قربانين کي اجاگر ڪندي امن لاءِ پاڪستان جي پراڻي عزم کي ورجايو هن چيو ته جموں ڪشمير تڪرار ورهاڱي جو اڻ مڪمل ايجنڊا آهي جيڪا اڄ به گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود آهي هن گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهراءَن ۽ جموں ڪشمير جي عوام جي آزاديءَ خواهش موجب ڪشمير مسئلي جي پرامن حل لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو

[redacted]

روانگي واپار ۾ واڌ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن نوجوانن جي صلاحيتن کي ڪتب آڻي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي ٿو وزيراعظم يوٿ پروگرام نوجوانن کي عالمي سطح تي پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ جو پليٽ فارم فراهم ڪري رهيو آهي وزن 2047ع جو بنيادي مقصد قوم کي پنهنجي مستقبل جي تعمير ۾ شريڪ ڪرڻ آهي سنڌ طاس معاهدي جي باري ۾ عالمي ثالثي عدالت جو فيصلو ساراهه جوڳو آهي اهڙو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن لاهور ايرگينڪ وليج جي انتظام هيٺ کجور ميلي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته پاڪستان زرعي معيشت رکندڙ ملڪ آهي زراعت جي شعبي کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي بهترين ترجيح آهي کجور سميت زرعي شين ۾ ويليو ايڊيشن جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ۽ روانگي واپار کي هٿي ڏيڻ سان ملڪي معيشت لاءِ نوان موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا هن چيو ته اڄ جي کجور ميلي ۾ سڄي ملڪ مان 70 کان وڌيڪ انٽرپرينيورز پنهنجي شين سان شريڪ آهن جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪاروباري برادري زرعي پيداوار کي ويليو ايڊيشن ذريعي عالمي مارڪيٽ تائين پهچائڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته پاڪستان سڄي دنيا ۾ کجور پيدا ڪندڙ اهم ملڪن ۾ شامل آهي جڏهن ته ماضي ۾ وڏيڪ کجور خام مال طور زرعي پيداوار جي روانگي واپار ڪئي ويندي هئي هاڻي ملڪ جا نوجوان ڪاروباري ماڻهو کجور مان مختلف شيون تيار ڪري ان ۾ ويليو ايڊيشن ڪري رهيا آهن ۽ ان کي ملڪي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائي رهيا آهن اهڙن سمورن ڪاروباري ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم ڪرڻ انهن جي شين جي مارڪيٽنگ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ ۽ کين عالمي مارڪيٽ سان ڳنڍڻ وقت جي اهم ضرورت آهي حڪومت ان سلسلي ۾ پنهنجو ڀرپور تعاون جاري رکندي هن چيو ته پاڪستان ۾ کجور جي مقامي قسمن سان گڏ دنيا جا بهترين قسم به متعارف ڪرائي ملڪ ۾ پيداوار وڌائڻ ۽ کين عالمي مارڪيٽ تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي ان سان نه صرف زرعي شعبي کي هٿي ملندي پر ملڪي روانگي واپار ۾ پڻ واڌ ٿيندي

[redacted]

ٿو ته هڪ انتظامي يونٽ ضرور قائم ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته ڪو به فرد، سياسي پارٽي يا نمائندو ان عمل کي روڪي نٿو سگهي، جيڪڏهن اها عوام جي آواز آهي ته پوءِ اهو ضرور ٿيندو لاهور ۾

عملي تيار ڪنداسين

[redacted]

رياست ڪردوفان ۾ ٻن ڌار ڌار حملن جي نتيجي ۾ 26 ڄڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق سوڊان ڊاڪٽرز نيٽورڪ ٻڌايو ته ڪادا جي ڏکڻ اولهه ۾ ڊبي ۽ لوئيري جي علائقن تي سوڊان پيپلز لبريشن موومينٽ - ڏکڻ طرفان ڪيل حملن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 21 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا پيا آهن شهر ۾ ايس پي ايل ايم - اين جي توپ خاني مان ڪيل بم ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ٻار سميت 5 ڄڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. ڊبي جي هڪ ڳوٺ جي اسپتال جي طبي ذريعي ٻڌايو ته اسپتال ۾ 20 کان وڌيڪ لاش ۽ 11 زخمي آندا ويا، جڏهن ته بگڙجندڙ انساني صورتحال جي خدشي سبب شهري علائقو ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا آهن سوڊان ڊاڪٽرز نيٽ ورڪ ڊبي ۽ لوئيري تي حملي کي آگسٽ جي پڇاڙيءَ ۾ طئي ٿيل جنگي بندي معاهدي جي ڀڃڪڙي قرار ڏيندي ايس پي ايل ايم - اين تي شهرين کي نشانو بڻائڻ جو الزام لڳايو آهي

[redacted]

مبينا طور تي پيٽرول چوري ڪرڻ جي ڪوشش دوران زهريلي گيس ڦهلجڻ سبب 37 ڄڻا فوت ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا مطابق ماحولياتي تنظيم يوٿ اينڊ انوائرنمينٽل ايڊوڪيسي سينٽر مطابق ڪيترائي ماڻهو اڃان به گم آهن تنظيم جو چوڻ آهي ته 100 کان وڌيڪ ماڻهو رات جي اونداهيءَ ۾ ننڍين ٻيڙين ذريعي اوڪريڪا جي علائقي اوڪاري جيٽي پهتا هئا، جتي هو پائيپ لائن مان نڪرندڙ ريفائن ٿيل پيٽرول چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پوليس ٻڌايو ته واقعي جي جاچ جاري آهي اطلاعن مطابق ڪيترائي ماڻهو ساهه ۾ زهريلو دونهون پرڻ سبب فوت ٿيا. مقامي ذريعن مطابق ڪجهه ماڻهن ٻوڏي درياهه ۾ ٽپو ڏنو جڏهن ته ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

[redacted]

پنهنجي موقف تي قائم آهي ۽ ان موقف ۾ ڪا تبديلي نه آئي آهي ڪراچي ۾ پاڪستان جي بهترين انٽرنيشنل ٽريولرز ويڪسينيشن سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير صحت چيو ته جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي جي وفاقي گورنمينٽ ڊسپينسري ۾ قائم ڪيل ٽريولرز ويڪسينيشن سينٽر ذريعي عالمي مسافرن کي ويڪسينيشن جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون مصطفيٰ ڪمال چيو ته ملڪ کان ٻاهر ويندڙ ۽ ٻاهرين ملڪن مان پاڪستان ايندڙ مسافرن لاءِ ضروري حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ جي سهولت فراهم ڪئي ويندي گردن توڙ بخار جي ويڪسين جو سرٽيفڪيٽ مسافر وٽ هجڻ گهرجي، جڏهن ته حج ۽ عمري تي ويندڙن لاءِ اهو سرٽيفڪيٽ لازمي آهي هن ٻڌايو ته ٽريولرز ويڪسينيشن سينٽر ۾ ويڪسين لڳرائڻ کانپوءِ مسافرن جو رڪارڊ نادرا جي ڊيٽابيس ۾ محفوظ ڪيو ويندو ملڪ جا ڪيترائي ماڻهو علاج لاءِ پڻ پرڏيهه جو سفر ڪن ٿا، تنهن ڪري هوائي سفر ذريعي ايندڙ ماڻهن جو ڊيٽا به هيلٿ ڊيسڪ وٽ محفوظ ڪيو پيو وڃي وفاقي وزير صحت چيو ته پاڪستان جا سمورا شناختي ڪارڊ نمبر ميڊيڪل رڪارڊ نمبر طور استعمال ڪيا ويندا، ويڪسين جون سموريون فيسون آن لائن ادا ڪرڻ جو نظام متعارف ڪرايو ويندو ۽ ملڪ جي سمورن ايئرپورٽن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ويندو ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ايم ڪيو ايم صوبن جي ڳالهه ڪري يا انتظامي يونٽن جي، پنهنجي موقف تي قائم آهي هن چيو ته سنڌ ۾ 18 سالن کان پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي، پر ڪراچي کان ڪشمور تائين 80 سيڪڙو ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ناهي هن چيو ته هڪ طرف دنيا ۾ ٽين عالمي جنگ کي روڪڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن ته ٻئي طرف پاڪستان ۾ ڪتن جي چڪ سبب ٻار فوت ٿي رهيا آهن مصطفيٰ ڪمال چيو ته 27هين آئيني ترميم ۾ اختيارن کي گهٽيءَ ۽ پاڙي جي سطح تائين منتقل ڪرڻ جي ڳالهه هئي هن دعويٰ ڪئي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي تيار ڪرايل 1973ع جي آئين ۾ نون صوبن جي قيام جي گنجائش موجود آهي وفاقي وزير چيو ته 28هين آئيني ترميم بابت هن وقت تائين ساڻن ڪا ڳالهه ٻولهه ناهي ڪئي وئي هن چيو ته هو غلط ڳالهه تي ضرور ڪاوڙ ڪندو آهي ۽ اهو سندس مزاج جو حصو آهي سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن مٿس ڪرپشن جو ڪو الزام يا ڪيس آهي ته سامهون آندو وڃي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ملڪ ۾ صحت جي نظام کي جديد بڻائڻ ۽ مسافرن جي ويڪسينيشن جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ نئون نظام اهم قدم آهي جنهن سان بين الاقوامي سفر ڪندڙ شهرين کي ويڪسينيشن جون سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي

[redacted]

گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته مٿانهين/ وچولي پنجاب ۾ ڪٿي ڪٿي تيز هوائن/ آنڌاري ۽ گجگوڙ سان برسات، جڏهن ته صبح جي وقت ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز برسات جو امڪان آهي گلگت بلتستان مٿانهين خيبر پختونخوا ۽ ڪشمير ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن

محمد آصف خطاب ڪندي چيو ته سوشل سيڪيورٽي اسپتال جي اپ گريڊيشن سيالڪوٽ فيڪٽري جي پورهيتن ۽ سندن ڪٽنبن لاءِ انتهائي اهم آهي ان موقعي تي منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته سيالڪوٽ ۾ لکين ماڻهن جو روزگار فيڪٽرين ۽ صنعتي شعبن سان ڳنڍيل آهي ان لاءِ مزدورن کي معياري طبي سهولتن جي فراهمي اسان جي بنيادي ذميواري آهي هن چيو ته سيالڪوٽ پاڪستان جو واحد شهر آهي جيڪو عالمي سطح تي پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو ۽ هتان جي صنعت ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان لاءِ صنعتي ڪارڪنن کي صحت سميت ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي تقريب ۾ ميڊيا نمائندن سميت ضلعي ۽ صوبائي سطح جي سرڪاري عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي

[redacted]

بيان بازي صوبي خلاف سياسي جارحيت جي برابر آهي هن چيو ته خواجه آصف کي سنڌ ۽ پيپلز پارٽي تي بيان بازي ڪرڻ کان اڳ تاريخ، آئين ۽ پارلياماني رڪارڊ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي پيپلز پارٽي جو موقف ٻه طرفو نه پر واضح اصولي ۽ آئيني آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنجاب اسيمبلي به پيرا سرائيڪي صوبي جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪري چڪي آهي، جڏهن ته سنڌ اسيمبلي سنڌ اندر وڌيڪ صوبا ٺاهڻ خلاف اڻ پيرا ٺهراءُ پاس ڪري چڪي آهي مسلم ليگ (ن) کي پنهنجن اتحادين کي خوش ڪرڻ گهرجي، پر سنڌ کي قرباني جو ٻڪرو بڻائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه وفاق کي مضبوط ڪرڻ، آئين کي برقرار رکڻ ۽ جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ جي پاليسي تي عمل ڪيو آهي، پيپلز پارٽي پاڪستان جي وفاق ۽ جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي

[redacted]

خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رکيو آهي 6 مختلف ڪارروائين دوران 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري هڪ ڪروڙ 52 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي 188.2 ڪلو گرام منشيات هٿ ڪئي وئي آهي ترجمان موجب ملتان روڊ فيصل آباد ويجهو رڪشي ۽ گاڏي مان 126 ڪلو چرس هٿ آيو جڏهن ته ٻه جوابدار گرفتار ڪيا ويا. سکر اسپتال ويجهو گاڏي مان 30 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو ۽ ٻه جوابدار گرفتار ڪيا ويا. اهڙي ريت سنگجاني ٽول پلازه ويجهو گاڏي مان 10. 8 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو ۽ ٻن جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ آئي چارسده روڊ پشاور ويجهو گاڏي مان 6 ڪلو آئيس هٿ آئي ۽ هڪ جوابدار گرفتار ڪيو ويو ٻئي پاسي برڪي روڊ لاهور ويجهو ٻن جوابدارن وٽان منشيات ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا. اي اين ايف ترجمان موجب جوابدارن خلاف منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

[redacted]

آهي صوبي جي امن امان تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو لاهور ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس هب جي لانچنگ تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته صوبي جو عوام الله تعاليٰ کان پوءِ هن ڏانهن واجهائي ٿو سڪيورٽي ٿريٽ سبب پنجاب جي سڪيورٽي تي اربين رپيا خرچ ڪري رهيا آهيون. مريم نواز چيو ته سون کي پاڙيسري ملڪن کان گهڻ، پاڙيسري صوبن کان وڌيڪ خطرو آهي، ڪچي جو علائقو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڌوهن جو ڳڙهه بڻيل هو فوج ۽ سنڌ حڪومت جي مدد سان ڪچي واري علائقي ۾ حالتون ڪنٽرول هيٺ آهن هن چيو ته صوبي جي بارڊر ايريا مان ٽريس اچن ٿا، جن جي خاتمي لاءِ هاڻي جوائنٽ چيڪ پوسٽن کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو آهي جڏهن ته انٽيليجنس هب سڪيورٽي ادارن وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار جو اهم مرڪز هوندو پنجاب جي وزيراعليٰ چيو ته ڌوهن جي صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۽ منظم ڌوهن کي منهن ڏيڻ وڏو چئلينج هو پنجاب ۾ ڏينهن ڏٺي جو پنج پنج قتل ڪيا ويندا هئا، جڏهن ته ٻارن سان زيادتي جا واقعا انتهائي افسوسناڪ آهن مريم نواز صوبي ۾ ڪرپشن خلاف بنا فرق ڪارروائي کان خبردار ڪندي پنجاب ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ ڪرپشن گهٽ هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ چيو ته بدقسمتي سان لڳي ٿو ته قوم جي حيثيت سان ڪرپشن اسان ۾ گهڙي چڪي آهي ڪرپشن کي برائي نه پر معمول جو حصو سمجهيو وڃي ٿو جتي به ڪرپشن ٿيندي، اتي ڪا به معافي نه ڏني ويندي

[redacted]

موقعي تي پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن عمران خان نيازي جي آزادي ۽ رهائي لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي پي ٽي آءِ ڪي پي ڪي جي وزيري اعلاءِ سهيل خان آفريد ،حليم عادل شيخ مسرور احمد سيال سميت ٻين اڳواڻن ۽ ريلي ۾ گڏ هزارين ڪارڪنن وزيراعليٰ تي گلن جون پتيون نڇاور ڪري، پرجوش نعرن سان سندس شاندار استقبال ڪيو ۽ شاندار استقبال دوران هر طرف عمران خان کي آزاد ڪيو“ جا زوردار نعرا گونجندا رهيا، جڏهن ته ڪارڪن پنهنجي قائد جي آزادي لاءِ ڀرپور آواز بلند ڪيوان موقعي تي ڪي پي

ڌرتي هميشه امن پيار ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي جڏهن ته حليم عادل شيخ ڊاڪٽر مسرور سيال سيد نياز شاهه جيلاني ۽ ٻين اڳواڻن به خطاب ڪيو.

[redacted]

الحسن لنجار پوليس اهلڪار تي فائرنگ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي کان واقعي بابت تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي گهرو وزير زخمي پوليس اهلڪار کي بهترين طبي سهولتون فوري طور فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري لاءِ خصوصي ٽيمون جوڙيون وڃن هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته واقعي واري هنڌ ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي فوري طور ناڪابندي ڪري فرار ٿيل جوابدارن جي ڳولا تيز ڪئي وڃي.

[redacted]

جنهن دوران تنوير پاسڪا سميت ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا. جاچ آفيسر ڊي ايس پي عامر ورڪ طرفان ڪيس جو چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو ويو چالان موجب تنوير پاسڪا کي ڪيس جو مرڪزي جوابدار قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته رمضان نعمت الله ۽ عمار اسماعيل ضمانت تي آهن جوابدار امين کي چالان ۾ مفرور ڄاڻايو ويو آهي جاچ رپورٽ موجب ڪيس ۾ 85 شاهدن جي فهرست پڻ عدالت ۾ پيش ڪئي وئي آهي چالان ۾ گل پلازا باهه سانحي دوران 72 ماڻهن جي فوت ٿيڻ جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي چالان ۾ 11 ورهين جي حذيفه جو نالو جوابدارن جي فهرست ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته حذيفه جو ڪيس الڳ ڪري جيوينائل ڪيس طور ان جو چالان پڻ پيش ڪيو ويو آهي عدالت چالان وصول ڪرڻ کانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي 9 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

[redacted]

ايم جا اڳواڻ پنهنجن مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ انتشار تي ٻڌل بيانيو جوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن سمعتا افضل چيو ته مصطفيٰ ڪمال صاحب، آئين جو حوالو ڏيڻ کان اڳ آئين پڙهي به وٺندا ڪريو. آئيني طريقيڪار تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي منظوري ضروري آهي سنڌ ڪا تختي ناهي جنهن تي مصطفيٰ ڪمال جڏهن چاهي پنهنجي مرضيءَ سان نئون نقشو ٺاهي ڇڏي. ترجمان سنڌ حڪومت چيو ته سنڌ ڪنهن جي سياسي جاگير ناهي جو جڏهن چاهيو نقشو تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو صوبا ٺاهڻ ڪنهن فرد، جماعت يا خيرات ۾ مينڊيٽ حاصل ڪندڙن جو اختيار ناهي سمعتا افضل چيو ته متحده قومي موومينٽ جا اسيمبلي ميمبر ايوان اندر ڪجهه چون ٿا ۽ ٻاهر ڪجهه ٻيو بيان ڏين ٿا. هن چيو ته پهريان پنهنجو مينڊيٽ ثابت ڪريو پنهنجي جماعت جو تضاد ختم ڪريو پوءِ ٻين کي ڀاشڻ ڏيو

[redacted]

ڊسنڌڻ کي سنڌ جي عوام جي واضح ۽ چٽي راءِ جو احترام ڪرڻو پوندو سنڌ اسيمبلي جي قرارداد چونڊيل نمائندن جو حتمي فيصلو آهي ۽ ان فيصلي کان انحراف جي ڪا به گنجائش ناهي

[redacted]

۽ فضائي گدلاڻ خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪندي ڊي آءِ جي ٽريفڪ پوليس کي باضابطا خط لکي ڇڏيو آهي سيڪريٽري ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي سنڌ فيصل عقيلي جي هدايت تي وهيڪولر ايميشن ڪنٽرول مهم جو باقاعده شيڊول جاري ڪيو ويو آهي.

[redacted]

وزيرن پاران نون صوبن انتظامي يونٽن ۽ نظام ويهڻ بابت بيانن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي اهڙن بيانن کي وفاق پاران صوبي جي آئيني حيثيت ۾ مداخلت قرار ڏيندي وزيراعظم شهباز شريف کان وفاقي وزيرن جي بيانن جو نوٽيس وٺي اهڙي بيان بازي بند ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ۽ وفاقي حڪومت کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن وفاقي حڪومت آئين ۾ ترميم ڪرڻ چاهي ٿي ته پارليامينٽ ۾ وفاق وٽ ٻه ٽيائي جي اڪثريت موجود ناهي تنهن ڪري وفاقي حڪومت جمهوريت جي تسلسل کي ڪمزور نه ڪري ۽ ملڪ جي سالميت سان کيڏڻ جي ڪوشش نه ڪري پيپلز پارٽي ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل چاهي ٿي پر 18هين ترميم صوبائي خودمختياري، صوبي جي وحدت ۽ صوبن جي حقن تي ڪنهن به صورت ۾ ڌاڙو هڻڻ نه ڏيندي تنهن ڪري صوبن جي آئيني حيثيت ۾ مداخلت بند ڪئي وڃي

[redacted]

جوابدار واقعي کانپوءِ ڪراچي مان فرار ٿي پنجاب پهتو هو جتي ڪارروائي ڪندي کيس حراست ۾ ورتو ويو ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا موجب جوابدار ٻه ڏينهن اڳ ابر گزري واري علائقي ۾ عورت تي تيزاب هاري فرار ٿي ويو هو واقعي کانپوءِ پوليس جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف رخن کان جاچ شروع ڪئي ۽ سندس موجودگي بابت معلومات حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنجاب ۾ ڪارروائي ڪئي وئي ڊي آءِ جي سائوٿ ٻڌايو ته پوليس ٽيم جوابدار کي پنجاب مان گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ کيس قانوني ڪارروائي لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي پوليس اختيارين موجب جوابدار کان ڪراچي پهچڻ کانپوءِ واقعي

ڪري رهيا آهن ٻئي طرف لياري جي چاڪيواڙه واري علائقي ۾ ڌارا پمپ ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي رات دير سان طبي امداد لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو اختيارين موجب ابتدائي طور تي واقعو ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ سبب پيش اچڻ جو ٻڌايو پيو وڃي فائرنگ ۾ زخمي ٿيلن جي سڃاڻپ 23 ورهين جي ابراهيم ۽ 26 ورهين جي زاهد طور ٿي آهي پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته فائرنگ جا اصل سبب ۽ واقعي جون مڪمل حقيقتون جاچ کانپوءِ سامهون اينديون

”عبرت“، [redacted]

گهرياڻين سان گڏ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس مڙس عمرڪوٽ واسي عليونواز عرف ببلو رند عياش قسم جو ماڻهو آهي جيڪو ڌاريون عورتون رهائي منهنجي تذليل ڪندو رهيو آهي هن چيو ته مڙس 15سالن دوران سک سان جيئڻ نه ڏنو آهي روز روز جي مارڪٽ ۽ تذليل کان بيزار ٿي حيدرآباد جي عدالت ۾ خلع جي درخواست داخل ڪرائي آهي هن الزام هنيو ته مڙس مان مونکي ۽ گهر ڀاتين کي عليونواز عرف ببلو رند کان جاني خطرو آهي هن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مڙس علي نواز عرف ببلو رند کان خلع ڏياري تحفظ ڏنو وڃي

”عبرت“، [redacted]

شهر جي ترقياتي ڪمن سان گڏوگڏ تاريخي عمارتن ۽ ورثي جي بحالي تي پڻ ڌيان ڏنو آهي، ايمپريس مارڪيٽ کي ثقافتي مرڪز ۽ عوامي جاءِ طور استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

[redacted]

محمد اسماعيل راهو بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري ۾ مبينا رشوت خوري، مالي بي ضابطگين ۽ هڪ آفيسر پاران هڪ ئي وقت ٻه سرڪاري نوڪريون رکڻ جي شڪايتن جو سخت نوٽيس وٺندي يونيورسٽي انتظاميا کان ترت تفصيلي ۽ جامع رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

[redacted]

جي مجتبا ۽ ملڪ اندر وڌيڪ صوبا ٺاهڻ واري سازش خلاف لائبريري چوڪ کان پريس ڪلب تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي اسلام اڳواڻن ضلعي صدر عبدالخالق بنگوار نائب صدر مهيندر ڪمار تنگواڻي تعلقي جي صدر عبدالغفور ننڊواڻي عبدالخالق ٻهلڪاڻي ڪنڊ ڪوٽ تعلقي جي صدر شوڪت علي سهرياڻي عبد□ سهرياڻي اصلاح چاچڙ □ڏنو جعفري ارصلاح ڪوسو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ صوبي اندر پرائمري استادن کي حڪومت پنهنجي حقن کان محروم رکيو پيو اچي اسان کي سروسز اسٽرڪچر جاري ڪيو وڃي سنڌ اندر پرائو سپروائيزر وارو نظام بحال بدلين جو اختيار ڊي اي او کي ڏئي اسڪولن جو ٽائيم ٽيبل ۾ تبديلي ڪئي وڃي عورت استادن کي حراسان ڪرڻ بند ڪيو وڃي جڏهن ته ٻين صوبن ۾ استادن کي پنهنجا حق موجود نظام تحت ڏنا پيا وڃن پر سنڌ حڪومت کان انڪار ڪري پئي جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته تحريڪ جو سلسلو تيز ڪيو ويندو

[redacted]

ڪارروائي جو مطالبو ڄامشورو ٽريزري آفيس ۾ پينشن ڪلارڪ وقاص خلاف رٽائرڊ توڙي حاضر سروس ملازمن سان مبينا طور بدتميزي ۽ تذليل ڪرڻ لڳو احتجاج ڪندڙ رٽائرڊ استادن مجيد ميمڻ ۽ عاشق سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته پينشن ڪلارڪ وقاص آفيس ۾ پنهنجا جائز سرڪاري ڪم ڪرائڻ لاءِ ايندڙ رٽائرڊ ۽ حاضر سروس ملازمن سان مبينا طور گٺا لفظ استعمال ڪري کين تذليل جو نشانو بڻائي ٿو هنن چيو ته سرڪاري آفيس ۾ عوام ۽ ملازمن سان عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ انتظامي عملي جي ذميواري آهي پر پينشن ڪلارڪ وقاص مبينا طور پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺندي ملازمن سان نامناسب رويو اختيار ڪري رهيو آهي. مجيد ميمڻ ۽ عاشق سومرو اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پينشن ڪلارڪ وقاص جي مبينا بدتميزي ۽ ملازمن جي تذليل واري رويي جو نوٽيس وٺي سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو آهي ته ملازمن کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي سندن جائز سرڪاري ڪم ڪرائڻ جي سهولت فراهم ڪئي وڃي ۽ ٽريزري آفيس ۾ بهتر ماحول قائم ڪري ملازمن ۾ بيچيني ختم ڪئي وڃي

[redacted]

لڳڻ سبب کيس موتمار زخم رسيو واقعي کانپوءِ پوليس ڏاڙو چاول ٻار جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ڏاڙو چاول ٻار جي چاچي اشرف موجب سندس ننڍي ڀاءُ امين جي گهر ٻار جي پيدائش ٿيڻي هئي امين بس ڊرائيور آهي ۽ اڳ ئي پنج ٻارن جو پيءُ آهي هن چيو ته هو غريب ماڻهو آهن ۽ ڪنهن به قسم جي قانوني ڪارروائي نٿا چاهين اشرف ٻڌايو ته ڊليوري کانپوءِ اسپتال جي عملي تقريباً اڌ ڪلاڪ بعد خاندان کي اطلاع ڏنو ته ٻار مئل پيدا ٿيو آهي جڏهن ٻار کي ڏنو ويو ته سندس ڳچيءَ تي تيز ڌار اوزار جو نشان

تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد 6 سيپٽمبر جي تاريخي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ پاڪستان جي دفاع لاءِ لازوال قربانيون ڏيندڙ شهيدن ۽ قومي هيروز کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ هو تقريب ۾ وائيس ايڊمرل (ر) شاهه سهيل مسعود، هلال امتياز (ملٽري)، ايئر وائيس مارشل (ر) اسيلا رحمان عثماني ستاره امتياز (ملٽري)، برگيڊيئر (ر) سيد ڪرار حسين شاهه ڪرنل (ر) مختيار ڀٽ، تمغه امتياز (ملٽري)، اسڪواڊرن ليڊر (ر) نفيس احمد رباني ۽ ڪمانڊر ڊاڪٽر محمد طاهر شرڪت ڪئي پينل ڊسڪشن دوران 1965ع جي جنگ، پاڪ فوج جي دفاعي ڪردار ۽ قومي هيروز جي قربانين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڊائريڪٽر جنرل پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ سنڌ محترمه ارم تنوير خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سنڌ منور علي مهيسر ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق نوجوانن تي زور ڏنو ته هو تعليم نظم و ضبط، محنت ۽ پنهنجي صلاحيتن کي ملڪ جي ترقي لاءِ استعمال ڪن ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر يوٿ افيئرز سنڌ سيد حبيب الله چيو ته اهڙيون تقريبون نوجوان نسل کي قومي هيروز جي قربانين ۽ پنهنجي قومي ذميوارين کان آگاهه ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون تقريب جي پڄاڻيءَ تي شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ مقررن توڙي شرڪت ڪندڙن ۾ يادگاري شيلڊون ورهايون ويون

”روزاني عبرت“ 36 [redacted]

جي حوالي سان ڪيترين ئي سنگين ۽ خطرناڪ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي فائر سيفٽي آڊٽ رپورٽ ۾ اسپتال جي چوٿين پنجين ۽ ڇهين منزلن کي انتهائي خطرناڪ قرار ڏنو ويو آهي

[redacted]

خان ۽ نور محمد دايو ميرپورخاص ڊويزن جي ضلعن سان لاڳاپيل ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي- هيءَ آفيس ڊائريڪٽوريٽ آف انفارميشن ميرپورخاص ۾ قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد عام ماڻهن کي سرڪاري ادارن بابت معلومات تائين بنا رڪاوٽ جي رسائي ڏيڻ آهي- ان موقعي تي ڪميشن جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار علي شيخ پڻ موجود هو ڪمشنر-I محمد سليم خان ڪيسن جي ٻڌڻيءَ دوران چيو ته سنڌ انفارميشن ڪميشن سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016ع بابت عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي هن چيو ته ميرپورخاص ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي منعقد ڪرڻ جو مقصد عوام ۽ سرڪاري آفيسرن کي ڪميشن جي ڪردار اختيارن ۽ ذميوارين بابت مؤثر آگاهي فراهم ڪرڻ آهي محمد سليم خان وڌيڪ چيو ته سنڌ انفارميشن ڪميشن شفافيت ۽ بهتر حڪمراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ مختلف سرڪاري ادارن جون انسپيڪشنون پڻ ڪيون آهن هن چيو ته ڪميشن جا ڪمشنر ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر شهرين ۽ سرڪاري ادارن لاءِ هر وقت رابطي، رهنمائي ۽ معلومات جي حق بابت ضروري مدد فراهم ڪرڻ لاءِ موجود آهن ڪمشنر نور محمد دايو چيو ته معلومات تائين رسائي جو قانون سڄي پاڪستان ۾ لاڳو آهي هن چيو ته سنڌ انفارميشن ڪميشن مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار ادارو آهي جنهن کي سول ڪورٽ جا اختيار پڻ حاصل آهن بعد ۾ ڪميشن جي ميمبرن ميرپورخاص ۾ اطلاعات کاتي جي آفيسن جو دورو ڪيو ۽ اتي سنڌ انفارميشن ڪميشن جي مستقل آفيس قائم ڪرڻ لاءِ موجود سهولتن ۽ انتظامن جو پڻ جائزو ورتو

[redacted]

جي وڏي وزير کي صوبي جي عوام کان وڌيڪ عمران خان جي آزادي جي ڳڻتي آهي هن چيو ته خيبرپختونخوا جا عوام دهشتگردي ۽ بدامني سبب سخت پريشان آهن، جڏهن ته وڏو وزير صوبو هلائڻ ۽ عوام جا مسئلا حل ڪرڻ بدران جلسن ۽ سياسي مارچن جي تيارين ۾ مصروف آهي. گنهور خان اسراڻ چيو ته پي ٽي آءِ کي جيڪڏهن عمران خان جي سياست مان فرصت ملي ته ڪڏهن خيبرپختونخوا جي عام شهري جو حال به پڇي هن چيو ته وڏي وزير جي سرڪاري عهدي کي عوامي مسئلن جي حل بدران عمران خان جي سياسي مهم لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير جي سياست جو اهو انداز صوبي جي عوام سان مذاق آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته خيبرپختونخوا جا عوام اهو سوال ڪرڻ ۾ حق بجانب آهن ته سندن ٻارن جو مستقبل، امن روزگار صحت ۽ تعليم ڪڏهن وڏي وزير جي ترجيح بڻجندي؟ گنهور خان اسراڻ سوال ڪيو ته ڇا وڏي وزير جو عهدو صرف عمران خان جي آزادي لاءِ احتجاج ۽ مارچ جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ آهي؟آهن چيو ته عوام خيبرپختونخوا جي وڏي وزير کي حڪومت هلائڻ جو مينڊيٽ ڏنو آهي، سياسي مارچ جو ٺيڪو ناهي ڏنو گنهور خان اسراڻ وڌيڪ چيو ته خيبرپختونخوا جي عوام کي سياسي تماشا نه پر امن روزگار تعليم صحت ۽ ترقي گهرجي

[redacted]

گذريل ڏينهن آپريشن دوران هڪ نوجوان کي شهيد ڪيو هو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق يوسمرگ اشدر گلي ۾ جاري آپريشن ۾ ڀارتي فوج، سينٽرل ريزرو پوليس فورس ۽ پوليس اهلڪار حصو وٺي رهيا آهن قابض

75 YEARS OF THE NATION'S BANK
ستمبر 1965 یومِ دفاع
پاکستان زندہ باد
وطنِ عزیز کا دفاع کرنے والے شہیدوں اور غازیوں کو پوری قوم کا سلام
ایک عزم، ایک پہچان
National Bank اور Pakistan
PID K.778-D/26
NBP National Bank of Pakistan
نیشنل بینک آف پاکستان
UAN 111-627-627 | www.nbp.com.pk
قوم کا اپنا بینک

# 6 سيپٽمبر: وطن جي دفاع ۽ بقا جو لازوال جذبو

**عبدالواسع ملڪ**

يوم دفاع ۽ شهداءِ پاڪستان رڳو هڪ تاريخ جو نالو ناهي، پر اهو پاڪستان جي غيرمتزلزل عزم، غيرمعمولي بهادري، بي مثال قربانين ۽ قومي يڪجهتيءَ جو هڪ روشن ۽ درخشنده باب آهي هرسال 6 سيپٽمبر جو سج جڏهن اڀري ٿو، ته اهو پاڻ سان انهن سرفروش جانبازن ۽ شهيدن جون يادون کڻي اچي ٿو، جن 1965ع جي جنگ ۾ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري ڌرتيءَ پاڪ جي حرمت تي ڪا به حرف نه اچڻ ڏني هي ڏينهن اسان کي انهن عظيم هيروز کي عقيدت جو سلام پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو جن دشمن جي عددي برتري ۽ ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ثابت ڪيو ته وطن جو دفاع ڪنهن به قيمتي اثاثي کان وڌيڪ مقدس ۽ عزيز آهي تنهن هوندي به وقت گذرڻ سان گڏ يومِ دفاع جي اهميت رڳو هڪ تاريخي واقعي يا رسمي تقريبن تائين محدود نه رهي آهي، پر اڄ هي ڏينهن هڪ گهري ۽ سنجيده قومي شعور جو تقاضو ڪري ٿو شهيد ۽ انهن جا وارث قوم جا هيرو ۽ قومي سرمايو آهن ۽ زنده قومون ڪڏهن به پنهنجن شهيدن کي وساريندڙيون ناهن

جيڪڏهن اسان 1965ع جي معرڪي جي تاريخ تي نظر وجهون ته اها ڳالهه چٽيءَ طرح سامهون اچي ٿي ته ان وقت پاڪستان جي هٿياربند فوجن جي پويان سڄو ملڪ ۽ هر شهري فولاد جي ڀت وانگر بيٺو هو. اهو اهڙو معرڪو هو جنهن ۾ سرحدن تي وڙهندڙ سپاهين ۽ گهرن ۾ ويٺل عام شهرين جا جذبا هڪ ئي لهر تي ڌڙڪي رهيا هئا. اسان کي اها ڳالهه ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته اڄ جي بدلجندڙ علمي ۽ علائقائي صورتحال ۾ جنگ جي نوعيت بلڪل تبديل ٿي چڪي آهي هاڻي معرڪا رڳو سرحدن تي ٽينڪن ۽ توپن سان نه وڙهيا وڃن ٿا، پر پنجين نسل جي جنگ ۽ هائبرڊ وارفيئر ذريعي قومن جي دلين ۽ دماغن، انهن جي اتحاد، معيشت ۽ ادارن تي حملا ڪيا وڃن ٿا. دشمن اسان جي صفن ۾ تفرقو، سياسي انتشار ۽ مايوسي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي پر جيستائين هن ملڪ جو هر شهري، هر نوجوان، هر ادارو ۽ اسان جون باهمت فوجون هڪ مُٺ ۽ هڪ ڍال بڻجي بيٺيون رهنديون، دنيا جي ڪا به طاقت پاڪستان جو وار به ونگو نٿي ڪري سگهي تنهن ڪري اسان کي اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهڻي پوندي ته اڄ پاڪستان کي جيترا خطرا ٻاهرين سرحدن تي درپيش آهن، انهن کان به وڌيڪ چئلينج اندروني محاذ تي موجود آهن

پاڪستان جي غيرتمند ۽ غيور قوم ۾ پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ جيڪو بي مثال جذبو ۽ جنون 1965ع جي جنگ دوران نظر آيو هو، اهو ئي جذبو مئي 2025ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سڄي دنيا ڏٺو جڏهن ڀارت جي مڪار مودي حڪومت پهلگام جي نالي تي هڪ سستو ڊرامو رچائي ۽ سيپٽمبر 1965ع جيان رات جي اونداهيءَ ۾ پاڪستان جي پرامن شهرين ۽ شهري آباديءَ تي اوچتو حملو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پر هن ڀيري پاڪستان جون هٿياربند فوجون نه رڳو جديد ترين هٿيارن ۽ جنگي جهازن سان ليس هيون، پر سائبر ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ پڻ دشمن کان گهڻو اڳتي هيون. اسان جي فوجن ڀارت جي رافيل جهازن ۽ جديد ترين ڊرونز جو اهڙو حشر ڪيو، جو دشمن جون اکيون کلي ويون. ٻئي طرف، هن مڪار دشمن کي سبق سيکارڻ لاءِ سڄي قوم بنا ڪنهن فرق جي پنهنجي فوجن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي رهي. وطن جي دفاع جي انهيءَ لازوال ۽ بي خوف جذبي دشمن کي سيپٽمبر 1965ع وانگر هڪ ڀيرو ٻيهر دم دٻائي ڀڄڻ ۽ جنگبنديءَ جي منٿ ڪرڻ تي مجبور ڪيو آخرڪار 10 مئي 2025ع جو اهو تاريخي ڏينهن اسان جي عسڪري تاريخ ۾ هڪ سونهري باب بڻجي ويو، جڏهن "آپريشن بنيان مرصوص" ذريعي پاڪستان دشمن تي هڪ عظيم ۽ تاريخي فتح حاصل ڪئي

اڄ پاڪستان ۽ ڀارت ٻئي ايٽمي صلاحيت رکندڙ ملڪ آهن. پر ان باوجود ڀارتي قيادت جي مٿي تي جنگ ۽ جنون جو ڀوت سوار آهي ڀارت کي 10 مئي 2025ع جي ذلت آميز شڪست مان اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي وٺڻ گهرجي ها ته هاڻي مهينن ۽ سالن تائين هلندڙ روايتي جنگين جو دور ختم ٿي چڪو آهي اڄ جي انتهائي تيزرفتار سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ ايٽمي دور ۾ جنگ جو فيصلو اک ڇنڀ ۾ ٿي سگهي ٿو ڇا ڀارتي حڪمرانن کي ان حقيقت جو اندازو ناهي ته پاڪستان وٽ انهن کان وڌيڪ ۽ انتهائي اثرائتا ايٽمي هٿيار موجود آهن؟ ۽ ان صلاحيت جو هڪ ننڍڙو مظاهرو ڀارت مئي 2025ع ۾ ڏسي به چڪو آهي. جڏهن اسان 1965ع جي روايتي جنگ ۾ هن چالاڪ دشمن کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو ۽ اسان جي بهادر فوجن 10 مئي 2025ع تي پڻ دشمن جا ڏند کٽا ڪري دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو. ته پوءِ ڀارت جا هي جنوني حڪمران ڪهڙي زعم ۾ مبتلا آهن؟ جيڪڏهن انهن ٻيهر ڪا حماقت يا ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته کين سنڀلڻ جو موقعو به نه ملندو

پاڪستان ايڪويهين صديءَ جي شروعات کان ئي دهشتگردي ۽ انتهاپسنديءَ خلاف پڻ هڪ ڏکي جنگ وڙهي آهي. هن جدوجهد دوران اسان جي هٿياربند فوجن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، پوليس ۽ عام شهرين جنهن بي مثال حوصلي جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ جنهن وڏي پيماني تي قربانيون ڏنيون آهن، ان جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ تمام گهٽ ملي ٿو هزارين معصوم جانيون ضايع ٿيون، پر قوم دهشتگرديءَ خلاف پنهنجي عزم کي متزلزل ٿيڻ نه ڏنو اڄ جي ڏينهن جتي اسان 1965ع جي شهيدن کي ياد ڪريون ٿا، اتي اسان کي انهن سمورن جوانن ۽ شهرين کي پڻ خراج تحسين پيش ڪرڻ گهرجي، جن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ پنهنجي رت جو نذرانو پيش ڪيو

تنهن هوندي به موجوده امن امان کي پائيدار بڻائڻ ۽ ملڪ کي درپيش معاشي ۽ اجتماعي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ رڳو فوجي تياري ڪافي ناهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان قومي سلامتيءَ جي مفهوم کي وسيع ڪريون. قومي سلامتي هاڻي رڳو هٿيارن يا سرحدن جي حفاظت جو نالو نه رهي آهي، پر اها ملڪ جي معاشي پائيداري، سياسي استحڪام، سماجي هم آهنگي، معياري تعليم ۽ ٽيڪنيڪي خودڪفالت سان لازمي طور ڳنڍيل آهي انهيءَ نقطءِ نظر کان قائداعظم محمد علي جناح جو ڏنل سونهري اصول "اتحاد، ايمان ۽ تنظيم" اڄ جي پاڪستان لاءِ اڳ کان به وڌيڪ اهميت اختيار ڪري چڪو آهي جيڪڏهن اسان هڪ مضبوط ۽ خوددار پاڪستان ڏسڻ چاهيون ٿا، ته اسان کي باهمي اختلافن کي نظرانداز ڪري قومي مفادن کي ترجيح ڏيڻي پوندي اسان کي پنهنجي اندر برداشت، هڪ ٻئي جي نظرين جو احترام ۽ قانوني ۽ آئيني حدن جي پاسداريءَ جو ڪلچر عام ڪرڻو پوندو

6 سيپٽمبر جو ڏينهن رڳو گذريل دورن کي ياد ڪري جذبات جي اظهار يا تقريبون منعقد ڪرڻ جو نالو ناهي، پر اهو گهري تدبر ۽ خوداحتسابيءَ جو ڏينهن آهي پنهنجن شهيدن ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي ته اسان اهڙو پاڪستان تعمير ڪريون، جيڪو معاشي طور مستحڪم، سياسي طور پرامن ۽ فڪر ۽ عمل جي ميدان ۾ خودڪفيل هجي تاريخ جو اهو اٽل سبق آهي ته هڪ متحد، باوقار ۽ بيدار قوم ئي پنهنجي ملڪ جي سڀ کان مضبوط ۽ ناقابلِ شڪست دفاعي لائين هوندي آهي اچو ته هن 6 سيپٽمبر تي اسان سڀ اهو عهد ڪريون ته پاڪستان کي نه رڳو ٻاهرين حملن ۽ سازشن کان بچائيندا سين، پر ان کي اندروني تفرقن، بدعنوانيءَ ۽ معاشي ڪمزورين جي اونداهين مان پڻ ڪڍندا سين، ڇو ته تاريخ جو اهو ئي اٽل فيصلو آهي ته جيڪا قوم متحد ۽ بيدار رهي ٿي دنيا جي ڪا به طاقت ان کي شڪست نٿي ڏئي سگهي

---

# يومِ دفاع پاڪستان جو ناقابلِ فراموش ڏينهن

**نسيم الحق زاهدي**

6 سيپٽمبر پاڪستان جي تاريخ جو اهو روشن ۽ فخر جو ڏينهن آهي، جڏهن دشمن پنهنجي عددي ۽ عسڪري برتريءَ جي غرور ۾ وطنِ عزيز تي حملو ڪيو، پر کيس اندازو نه هو ته جنهن ڌرتيءَ کي هو للڪاري رهيو آهي ان جي دفاع لاءِ هڪ پوري قوم جاڳي چڪي آهي دشمن وٽ وسيلا وڌيڪ هئا، جنگي سامان وڌيڪ هو ۽ افرادي قوت به وڌيڪ هئي، پر پاڪستان وٽ اها طاقت موجود هئي جيڪا ڪنهن به جنگ جو رخ تبديل ڪري سگهي ٿي: ايمان، اتحاد، حب الوطني ۽ وطن لاءِ جان قربان ڪرڻ جو عزم.

6 سيپٽمبر 1965ع تي پاڪستان جي دفاع جي اهڙي داستان رقم ٿي، جنهن دنيا کي ٻڌائي ڇڏيو ته ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ڪندڙ رڳو چند هزار سپاهي نه، پر انهن جي پويان هڪ متحد، بهادر ۽ پنهنجي وطن سان بي پناهه محبت ڪندڙ پوري قوم بيٺي آهي اهو تاريخي مرحلو هو، جڏهن پاڪستاني جوانن پاڻ کان وڏي دشمن جي اڳيرائيءَ آڏو سينو سپر ٿي بيهي سندس ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو محاذن تي وڙهندڙ سپاهيءَ کان وٺي شهرن ۾ موجود عام شهريءَ تائين هر پاڪستانيءَ جي دل ۾ هڪ ئي جذبو موجزن هو ته وطن جي حرمت تي ڪا به آنچ اچڻ نه ڏني ويندي

مائرن پنهنجن پٽن کي دعائن سان محاذ ڏانهن روانو ڪيو، نوجوانن پنهنجي رت سان وطن جي مٽيءَ کي سيراب ڪيو ۽ قوم جي هر فرد پنهنجي پنهنجي ذميواري نڀائيندي ان ڏکئي وقت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اهو ئي اجتماعي جذبو هو، جنهن 6 سيپٽمبر کي رڳو هڪ تاريخ رهڻ نه ڏنو، پر ان کي قومي عزم، قرباني ۽ سربلنديءَ جي علامت بڻائي ڇڏيو

1965ع جي جنگ جو پسمنظر پڻ غيرمعمولي اهميت رکي ٿو ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ اڳ ئي وڌي چڪي هئي. آگسٽ 1965ع کان پوءِ حالتون وڌيڪ سنگين ٿي ويون. پهرين سيپٽمبر تي پاڪستاني فوجن ڇمب، جوڙيان وغيره جا علائقا فتح ڪري اکنور ڏانهن اڳيرائي ڪئي، جنهن تي ڀارتي فوجون پاڪستان جي جوڙاري موجود علائقن مان پوئتي هٽي اکنور کي بچائڻ لاءِ ڀڄڻ لڳيون

ڪشمير جي سرحدي علائقن ۽ اهم رستن تي پاڪستاني حملن ۽ فوجي دٻاءُ ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي چڪو هو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته جلد ئي ڪشمير فتح ٿي ويندو. پر اوچتو 6 سيپٽمبر تي ڀارتي فوجن عالمي سرحد پار ڪندي لاهور، سيالڪوٽ ۽ قصور جي محاذن تي پاڪستان خلاف وڏو حملو شروع ڪري ڇڏيو اهڙيءَ ريت ڪشمير تائين محدود ڇڪتاڻ هڪ وسيع جنگ ۾ تبديل ٿي وئي

لاهور جو محاذ هن جنگ جو هڪ اهم ترين ميدان بڻجي ويو، جتي برڪي، بي آر بي ڪئنال ۽ ٻين هنڌن تي سخت ويڙهه ٿي. پاڪستاني آفيسرن ۽ جوانن انتهائي ڏکين حالتن ۾ پنهنجي دفاعي مورچن کي سنڀاليو ۽ [illegible] غيرمعمولي [illegible] تي صدر [illegible] جي خطاب پڻ عوام جا حوصلا بلند ڪيا سڄي ملڪ ۾ اهو احساس وڌيڪ مضبوط ٿيو ته پاڪستان هڪ آهي ۽ هر شهريءَ کي پنهنجي وطن سان گڏ بيهڻو آهي

سرحد تي موجود سپاهي پنهنجي جان هٿ تي رکي وڙهي رهيو هو ته سندس پويان شهري آباديءَ پنهنجي پنهنجي ذميوارين کي نڀائي رهي هئي اهو باهمي اعتماد جنگ جي ڏکين ڏينهن ۾ هڪ وڏي قومي طاقت بڻجي سامهون آيو

ميجر راجا عزيز ڀٽي شهيد پاڪستان جي دفاع جي تاريخ جي انهن عظيم سپوتن ۾ شامل آهن جن فرض شناسي، بهادري ۽ قربانيءَ جو اهڙو مثال قائم ڪيو جيڪو هميشه ياد رکيو ويندو برڪي جي محاذ تي ڪمپني ڪمانڊر جي حيثيت سان هن پنهنجي جوانن سان گڏ اڳئين صف ۾ رهي بي آر بي ڪئنال تي ملڪ جي دفاع جو فرض ادا ڪيو

دشمن جي مسلسل ٽينڪن ۽ توپخاني جي فائرنگ باوجود هو پنج ڏينهن تائين پنهنجي مورچي تي ثابت قدم رهيا. 12 سيپٽمبر 1965ع تي دشمن جي هڪ گوليءَ جو نشانو بڻجي شهادت جو درجو حاصل ڪيائون سندن بي مثال بهادري ۽ قربانيءَ جي اعتراف ۾ کين نشانِ حيدر سان نوازيو ويو

ميجر عزيز ڀٽي شهيد جو ڪردار ان حقيقت جي گواهي ڏئي ٿو ته وطن جي حفاظت جو جذبو انسان کي انتهائي ڏکين حالتن ۾ به ثابت قدم رکندو آهي

سيالڪوٽ جي محاذ تي چونڊا جو معرڪو پڻ جنگِ سيپٽمبر جو هڪ اهم ۽ ناقابلِ فراموش باب آهي ڀارتي فوج وڏي انگ ۾ ٽينڪن ذريعي اڳيرائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڪستاني فوج غيرمعمولي بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي پنهنجن جسمن سان بم ٻڌي دشمن جي اڳتي وڌندڙ ٽينڪن هيٺان ليٽي پئي ۽ انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو اها قرباني چونڊا جي معرڪي جي ياد جو هڪ نمايان حصو بڻجي چڪي آهي ۽ ان کي دفاع وطن جي تاريخ ۾ بهادريءَ جي هڪ غيرمعمولي مثال طور ياد ڪيو وڃي ٿو

فضائي محاذ تي پاڪ فضائيه جي شاهينن پڻ غيرمعمولي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو دشمن پاڪستاني فضائي حدن کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڪ فضائيه ڀرپور جواب ڏنو محدود وسيلن باوجود پاڪستاني پائلٽن پنهنجي پيشورانه مهارت، بهادري ۽ جنگي صلاحيت جو شاندار مظاهرو ڪيو

هن جنگ جي حوالي سان اسڪواڊرن ليڊر محمد محمود عالم، المعروف ايم ايم عالم، جو نالو خاص طور تي ياد ڪيو وڃي ٿو ايم ايم عالم جنگ دوران هڪ فضائي مقابلي ۾ پنج ڀارتي جنگي جهاز هڪ منٽ کان به گهٽ وقت ۾ ڪيرائي وڌا مجموعي طور تي سندس هٿان نون ڀارتي جنگي جهازن کي ڪيرائڻ جي ڪاميابي پڻ سرڪاري رڪارڊ ۾ بيان ڪئي وئي آهي سندس اهو ڪارنامو فضائي جنگ جي تاريخ جو هڪ ناقابلِ تسخير رڪارڊ بڻجي چڪو آهي

اسڪواڊرن ليڊر سرفراز رفيقي سميت پاڪ فضائيه جي ٻين آفيسرن ۽ جوانن پڻ فضائي محاذ تي بهادريءَ جا لازوال مثال قائم ڪيا ڪيترائي شاهين وطن جي فضائي حدن جو دفاع ڪندي شهيد ٿيا انهن قربانين پاڪ فضائيه جي جنگي صلاحيت ۽ پيشورانه تربيت کي نمايان ڪيو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روشن مثال ڇڏي وئي

سامونڊي محاذ تي پاڪ بحريه پڻ پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪيون ڪراچيءَ جي بندرگاهه، سامونڊي علائقن ۽ بحري حدن جي دفاع کي يقيني بڻايو ويو جڏهن ته سامونڊي رستن جي نگراني پڻ جاري رهي

7 ۽ 8 سيپٽمبر 1965ع جي وچ واري رات پاڪ بحريه جي ستن وڏن جنگي جهازن تي مشتمل فلوٽيلا "آپريشن سومنات" تحت ڀارت جي سامونڊي شهر دوارڪا تي ڪارروائي ڪئي، جنهن ۾ اهم سامونڊي تنصيبات ۽ ريڊار اسٽيشن کي نشانو بڻايو ويو اها ڪارروائي پاڪ بحريه جي پيشورانه صلاحيت، بهادري ۽ جنگي تياريءَ جو هڪ اهم مظاهرو هئي

پاڪ بحريه جي آبدوز پي اين ايس غازي پڻ جنگ دوران ڀارتي بحريه تي اهم حڪمتِ عمليءَ وارو دٻاءُ برقرار رکيو اهڙيءَ طرح زميني ۽ فضائي محاذن سان گڏ سامونڊي محاذ تي پڻ پاڪستان پنهنجي دفاعي صلاحيت جو اثرائتو مظاهرو ڪيو

1965ع جي جنگ جو هڪ نمايان پاسو اهو هو ته ڏکئي وقت ۾ معاشري جي مختلف شعبن پنهنجي پنهنجي ذميوارين کي پوري ذميواريءَ سان نڀايو استادن شاگردن جا حوصلا بلند ڪيا، ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي زخمين جي خدمت ڪئي، سول ڊفينس جي رضاڪارن پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون، جڏهن ته مزدورن ۽ هارين پنهنجو ڪم جاري رکي ملڪ جي معيشت جو ڦيٿو هلندو رکيو

اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ گلوڪارن پنهنجي فن ذريعي قوم جا حوصلا بلند ڪيا، جڏهن ته ذريعءِ ابلاغ جنگي صورتحال ۽ قومي جذبن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو قومي نغمن پڻ ان دور ۾ عوام جي جذبن کي نئين طاقت ڏني "اي مردِ مجاهد جاڳ ذرا، هاڻي وقتِ شهادت آهي آيو" جهڙن نغمن گهرن، بازارن ۽ محاذن تائين جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو هو

جنگ جي ڏينهن ۾ ريڊيو پاڪستان جي آواز عوام لاءِ خبرن، حوصلي ۽ قومي يڪجهتيءَ جو اهم ذريعو بڻجي وئي هئي مائرون پنهنجن پٽن لاءِ دعائون ڪنديون هيون، ڀينرون پنهنجن ڀائرن جي سلامتيءَ لاءِ دعاگو رهنديون هيون ۽ هر گهر ۾ وطن جي سلامتيءَ جي فڪر نمايان هئي

6 سيپٽمبر اسان کي قائداعظم محمد علي جناح جي انهن اصولن جي پڻ ياد ڏياري ٿو جن ۾ ايمان، اتحاد ۽ تنظيم کي بنيادي اهميت حاصل آهي 1965ع جي ڏکين حالتن ۾ انهن اصولن جي عملي تصوير نظر آئي مختلف طبقا، شعبا ۽ ادارا پنهنجون پنهنجون ذميواريون ادا ڪندي هڪ وڏي قومي مقصد سان ڳنڍيل رهيا اهوئي احساس ان دور جي سڀ کان وڏي طاقت بڻجي سامهون آيو

يومِ دفاع جو پيغام رڳو ماضيءَ جي ڪارنامن تي فخر ڪرڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي تاريخ جو اصل مقصد ايندڙ نسلن کي شعور ڏيڻ پڻ آهي 1965ع جي تجربي واضح ڪيو ته مضبوط دفاع لاءِ هٿياربند فوجن جي پيشورانه صلاحيت سان گڏ سياسي استحڪام، اتحاد، معاشي طاقت، جديد ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ قومي يڪجهتي پڻ ضروري آهن

اڄ جنگ جي نوعيت تبديل ٿي چڪي آهي سرحدن سان گڏ معلومات، معيشت، ٽيڪنالاجي، سائبر دنيا ۽ عوامي راءِ پڻ قومي طاقت جو حصو بڻجي چڪا آهن غلط معلومات، منفي پروپيگنڊا، فڪري انتشار، معاشي ڪمزوري ۽ اندروني اختلاف ڪنهن به ملڪ جي استحڪام کي متاثر ڪري سگهن ٿا اهڙين حالتن ۾ يومِ دفاع جو تقاضو آهي ته اسان تاريخ مان رڳو جذبات نه، پر شعور پڻ حاصل ڪريون پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قانون جي پاسداري، تعليم ۽ تحقيق جو فروغ، معاشي استحڪام، ادارن جي مضبوطي ۽ قومي مفاد کي اوليت ڏيڻ ضروري آهي

دفاع وطن رڳو سرحد تي بيٺل سپاهيءَ جي ذميواري ناهي استاد نئين نسل کي علم ۽ شعور ڏئي ملڪ جي بنياد مضبوط ڪري ٿو، شاگرد محنت سان تعليم حاصل ڪري مستقبل جي قيادت تيار ڪري ٿو، ڊاڪٽر انسانن جي خدمت ڪري ٿو، هاري زمين آباد ڪري ملڪ جي معيشت کي سهارو ڏئي ٿو، مزدور پنهنجي محنت سان ترقيءَ جو ڦيٿو هلائي ٿو ۽ صحافي ۽ قلمڪار ذميواريءَ سان حقيقتون عوام تائين پهچائي قومي شعور جي جوڙجڪ ۾ حصو وٺي ٿو

هر شهري جيڪڏهن پنهنجي عهدي ۽ ذميواريءَ کي ايمانداريءَ سان ادا ڪري، ته اها پڻ دفاع وطن جي هڪ اثرائتي صورت آهي

يومِ دفاع اسان کي انهن شهيدن کي ياد ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿو، جن وطن جي حفاظت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون انهن سان گڏ انهن غازين کي پڻ خراج تحسين پيش ڪرڻ اسان جو فرض آهي، جن جنگ جي ڏکين ترين لمحن ۾ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو انهن قربانين جي اصل قدر اها آهي ته اسان آزاديءَ جي نعمت کي سمجهون ۽ پاڪستان کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون سنجيدگيءَ سان ادا ڪريون

پاڪستان جي هٿياربند فوجن جنگي محاذن کان علاوه قدرتي آفتن، ٻوڏن، زلزلن ۽ ٻين ڏکين حالتن ۾ پڻ عوام جي مدد ڪئي آهي دهشتگرديءَ خلاف ڏکي جدوجهد ۾ پڻ پاڪ فوج جي آفيسرن ۽ جوانن پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن اهڙيءَ طرح يومِ دفاع رڳو 1965ع جي معرڪن جي ياد ناهي، پر ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي تحفظ لاءِ ڏنل سمورين قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي

6 سيپٽمبر قومي عزم جي تجديد جو ڏينهن آهي اهو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته آزادي وڏي قربانين کان پوءِ حاصل ٿي ۽ ان جي حفاظت مسلسل ذميواريءَ جو تقاضو ڪري ٿي شهيدن جي قربانين جو بهترين خراج اهو ئي آهي ته اسان پاڪستان کي هڪ مضبوط، باوقار، ترقي يافته، مستحڪم ۽ متحد ملڪ بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪريون

10 مئي 2025ع تي معرڪہ حق، آپريشن "بنيان المرصوص" ۾ پاڪ فوج هڪ ڀيرو ٻيهر دشمن کي شڪست سان منهن ڏياري سندس ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو ان موقعي تي پاڪستاني عوام هڪ ڀيرو ٻيهر 1965ع واري جذبي سان پنهنجي فوجن سان ڀرپور يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ثابت ڪري ڇڏيو ته دفاع وطن جي معاملي ۾ قوم ۽ پاڪستان جون هٿياربند فوجون گڏ بيٺل آهن

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ مان بدامني، دهشتگردي ۽ انتشار جي خاتمي لاءِ پڻ اسان 1965ع ۽ معرڪہ حق واري جذبي سان پنهنجي فوجن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان ڀرپور يڪجهتيءَ جو اظهار ڪريون ۽ وطنِ عزيز جي امن سلامتي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪريون

پاڪستان هميشه زنده باد
پاڪ فوج هميشه پائنده باد

---

# 6 سيپٽمبر وطن جي دفاع جو تاريخ ساز سبق

**تحرير: آئمہ افضل**

ڪنهن به قوم جي تاريخي سفر ۾ ڪي اهڙا لمحا ايندا آهن جڏهن ڏينهن رات جو پُرسڪون وهڪرو اوچتو هڪ غيرمعمولي امتحان جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي 6 سيپٽمبر 1965ع جو سج پاڪستان لاءِ به اهڙو ئي تاريخ ساز موڙ بڻجي اڀريو هو. جڏهن لاهور جي پُرسڪون صبح، ڀارتي فوجن جي اڻ اعلانيل جارحيت جي خبر سان هڪ عالمگير بيداريءَ ۾ تبديل ٿي وئي، دشمن جي قيادت جو خيال هو ته اوچتو حملو ڪري هو ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ پنهنجا ناپاڪ ارادا پورا ڪري وٺندي، پر پاڪ ڌرتيءَ جي مٽي ڏٺو ته ٻاهرين سائرن جي آوازن سان گڏ ئي هر شهري ۽ فوجي جي دل ۾ دفاع وطن جو اهڙو ڏيئو روشن ٿيو، جنهن سيئي فرق لمحن ۾ ختم ڪري ڇڏيا. لاهور ۽ سيالڪوٽ جي شهرين تي بم وسندا رهيا، پر حوصلن جي پٽين ۾ هڪ به ڏار نه پئجي سگهيو. عورتن پنهنجي هٿن سان محاذِ جنگ تي موڪلڻ لاءِ کاڌو تيار ڪيو، نوجوانن رضاڪارانه طور پنهنجون خدمتون پيش ڪيون ۽ ريڊيو پاڪستان تان گونجندڙ قومي نغمن جي آوازن قوم جي هر فرد کي هڪ اهڙي مضبوط فولادي ڍانچي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، جنهن جو مثال تمام گهٽ ملي ٿو. دفاع وطن جي اها تاريخ رڳو هٿيارن سان نه، پر هڪ قوم جي باهمي اتحاد، لازوال قرباني ۽ ثابت قدميءَ سان لکي وئي هئي، جنهن سڄي دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيو ته جڏهن پنهنجي وطن جو جهنڊو بلند رکڻ جو سوال هجي ته گهٽ عددي طاقت به پاڻ کان ڪيترائي ڀيرا وڏي حريف جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي صلاحيت رکي ٿي

انهن سترهن ڏينهن جي معرڪي دوران پاڪ فوج جي سپاهين دفاعي بصيرت ۽ غيرمتزلزل بهادريءَ جون اهڙيون نيون داستانون رقم ڪيون، جن عسڪري تاريخ جي صفحن کي روشن ڪري ڇڏيو. جتي خشڪيءَ تي بري فوج جي سرتريءَ تي رکي وڙهندڙ جوانن دشمن جي ڳرين توپن ۽ ٽينڪن جي طوفان آڏو چٽان بڻجي سندس اڳيرائي روڪي ڇڏي، اتي هوائي فوج جي شاهينن خاص طور اسڪواڊرن ليڊر ايم ايم عالم جهڙن بهادر پائلٽن جي اڳواڻيءَ ۾ دشمن جي فضائي طاقت کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. بحري فوج به دوارڪا جي هنڌ تي دشمن جي عسڪري اڏن کي تباهه ڪري سامونڊي سرحدن تي پنهنجي بالادستي ثابت ڪئي. اهو معرڪو رڳو عددي طاقت يا روايتي عسڪري مقابلي جو نه هو، پر اهو عزم، احتياطي حڪمتِ عملي ۽ مناسب وقت تي درست فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت جو امتحان هو، جنهن ۾ اڻڄاتل سپاهين کان وٺي نامور عسڪري ڪمانڊرن تائين هر فرد پنهنجي جان، مال ۽ صلاحيت قربان ڪري ڇڏي پاڪ فوج جي هن دليرانه جواب اها حقيقت واضح ڪري ڇڏي ته جڏهن عسڪري تياري ۽ قومي غيرت گڏجي وڃن ته حريف جو ڪو به اوچتو حملو يا عسڪري برتريءَ جو غرور قائم نٿو رهي سگهي

تنهن هوندي به سيپٽمبر 1965ع جي جنگ جو سڀ کان پائيدار ۽ سبق آموز پاسو اها يڪجهتي هئي، جيڪا جنگ جي ميدان کان پري گهٽين، محلن ۽ گهرن ۾ نظر آئي، جتي عام شهرين پنهنجي فوجين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي فتح جا بنياد مضبوط ڪيا لاهور ۽ سيالڪوٽ جهڙا شهر جن کي جنگ جي سڌيءَ طرح سختين کي منهن ڏيڻو پيو، انهن جي غيرمعمولي همت ۽ شهرين جي لازوال عزم سبب کين هلال استقلال جي اعزاز سان نوازيو ويو. اهو ان ڳالهه جي علامت هو ته عسڪري محاذ تي وڙهندڙ هر سپاهيءَ کي اهو يقين هو ته سندس پويان سڄي قوم هڪ ناقابلِ تسخير قلعي وانگر بيٺي آهي بليڪ آئوٽ جي خوفناڪ راتين، هوائي حملن جي گونج ۽ دشمن جي مسلسل گولا باريءَ باوجود عوام جي چهرن تي نه خوف ڇانيل هو ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي مايوسي ان جي ابتڙ شاعرن، اديبن ۽ گلوڪارن پنهنجي تخليقن ذريعي اهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو، جنهن سڄي ملڪ کي هڪ ئي صفحي تي گڏ ڪري ڇڏيو اهوئي اهو عظيم سبق هو، جيڪو هن معرڪي ايندڙ نسلن لاءِ ڇڏيو ته ڪا به ٻاهرين جارحيت يا بحران ان قوم کي ان وقت تائين شڪست نٿي ڏئي سگهي، جيستائين عوام ۽ هٿياربند فوجن جي وچ ۾ اهو باهمي رشتو ۽ اعتماد قائم رهندو

وقت جي رفتار سان گڏ جيوٽيڪ جنگ جا طريقا ۽ خطرن جا رخ بلڪل تبديل ٿي چڪا آهن پر رياست جي سلامتي برقرار رکڻ ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت جي بنيادي ذميواري اڄ به ايتري ئي حساس ۽ اهم آهي جيتري ڇهه ڏهاڪا اڳ هئي ڀارت سان روايتي رقابت کان علاوه، گذريل ڏهاڪن دوران پاڪستان کي هائبرڊ وارفيئر، دهشتگردي، معلوماتي جنگ ۽ پاڙيسري افغانستان جي سرزمين تان ٿيندڙ ناپسنديده سرگرمين جهڙن پيچيده ۽ غيرروايتي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو آهي انهن چئلينجن عسڪري ادارن کي رڳو روايتي سرحدن تي ئي نه، پر ڪيترن ئي محاذن تي هر وقت چوڪس رهڻ تي مجبور ڪيو آهي معرڪہ حق 2025ع جو تازو تجربو ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته عسڪري ٽيڪنالاجي، جديد هٿيارن ۽ غيرروايتي جنگي طريقن جي هن دور ۾ به پاڪستان جي دفاعي صلاحيت ۽ جوابي ڪارروائيءَ جي طاقت ايتري ئي متحرڪ آهي، جيتري 1965ع ۾ هئي 1965ع جي جنگ هڪ نسل کي اهو سيکاريو هو ته ملڪ هر قسم جي روايتي عسڪري دٻاءُ جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، جڏهن ته معرڪہ حق 2025ع موجوده نسل تي اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته اها بيداري ۽ صلاحيت وقت گذرڻ سان گهٽ نه ٿي آهي، بلڪ جديد ضرورتن مطابق وڌيڪ نکار سان سامهون آئي آهي

جيئن 1965ع جو معرڪو ان دور جي بزرگن ۽ والدين لاءِ سائرنن جي آوازن، نشريات ٻڌڻ جي شوق ۽ محاذ تي ويندڙ پنهنجن پيارن جي يادن جي صورت ۾ هڪ ذاتي ۽ جيئري حقيقت وانگر محفوظ آهي، تيئن معرڪہ حق 2025ع نئين نسل لاءِ قومي سلامتيءَ جو هڪ ناقابلِ فراموش تجربو بڻجي سامهون آيو آهي. سٺ سالن جي هن ڊگهي فاصلي باوجود ٻنهي دورن کي جيڪا ڳالهه ڏني دور پاڻ ۾ ڳنڍيندي ٿي، اها پاڪستان جو اهو واضح ۽ دوٽوڪ پيغام آهي ته هي ملڪ خطي ۾ امن جو خواهشمند ضرور آهي، پر پنهنجي خودمختياري، جاگرافيائي حدن ۽ قومي وقار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو ڪرڻ لاءِ هرگز تيار ناهي. سيپٽمبر جي انهن سترهن ڏينهن ۾ شهيدن ۽ غازين پاران ڏنل قربانين جو حقيقي خراج تحسين رڳو هر سال يادگارون ناهڻ يا تقريبون منعقد ڪرڻ ۾ ناهي، پر ان نظم و ضبط، باهمي اتحاد ۽ خوداعتماديءَ کي پنهنجي روزمره جي زندگي ۽ قومي حڪمتِ عمليءَ جو حصو بڻائڻ ۾ آهي، جيڪي بحران جي گهڙيءَ ۾ هن قوم جو سڀ کان وڏو اثاثو ثابت ٿيا هئا. ايٽمي صلاحيت رکندڙ پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ جنگين کي نه ڪڏهن رومانوي رنگ ڏئي سگهجي ٿو ۽ نه ئي اهي ڪنهن جي فائدي ۾ هونديون آهن، پر پنهنجي تاريخ جي انهن سونهري بابن کي ياد رکڻ ان ڪري ضروري آهي، ته جيئن ايندڙ نسلون هميشه ياد رکن ته امن جو تحفظ صرف مستقل تياري، بيداري ۽ قومي اتحاد ذريعي ئي ممڪن آهي.

---

# يومِ دفاع وطن: ماضي، حال ۽ مستقبل



**ميجر (ر) ماجد مسعود صابري نظامي**

6 سيپٽمبر 1965ع جي رات جو ٽي وڳي دشمن لڪي ڇپي سرحد پار ڪري چڪو هو ڀارتي غرور تي ٻڌل منصوبو اهو هو ته ڀارتي فوجي صبح جو نائشتو لاهور جي جمخانا ڪلب ۾ ڪندا ٻئي طرف صدر ايوب جو پاڪستان ريڊيو تي ڪيل خطاب، جنهن ۾ هن چيو ته "بزدل دشمن رات جي اونداهيءَ ۾ اوچتو اسان جي سرحد تي حملو ڪري ڇڏيو آهي". پاڪستاني قوم جي اندر جڻ بجلي ڀري ڇڏي، بهادر لاهورين وطن جي خاطر سر قربان ڪرڻ لاءِ سرحد ڏانهن ڀڄڻ پيا. لاهور جي شالامار باغ ۾ "شيرني" ۽ "راڻي"، يعني پاڪستاني وچولي ۽ ڳريون توپون گجگوڙ ڪري رهيون هيون

جي ٽي روڊ کي گوجرانوالا پرسان ڪٽڻ لاءِ شڪرڳڙهه (چونڊا) جي محاذ تي ڀارت، دنيا جي جنگي تاريخ ۾ ٽينڪن جي سڀ کان وڏي اجتماع سان حملو ڪيو، جنهن جي آڏو پاڪستاني فوج جا سپاهي پنهنجي سينن سان بم ٻڌي ليٽي پيا. انهن ٻنهي محاذن تي ڀارتي حملي کي ڪاميابيءَ سان روڪڻ کان پوءِ پاڪستان جوابي حملو ڪيو. پاڪستاني فوج ڏسندي ئي ڏسندي ڇمب جوڙيان سيڪٽر ۾ ڪشمير کي ڀارت کان الڳ ڪرڻ جي بلڪل ويجهو پهچي وئي

کيم ڪرن ۽ ڇمب جوڙيان ۾ هندو واپاري جي دانهن آسمان تائين پهچي رهي هئي 23 سيپٽمبر تي جنگبنديءَ وقت تائين پاڪستان ڀارت کان 590 چورس ڪلوميٽر علائقو کسي چڪو هو، جنهن ۾ 490 چورس ڪلوميٽر ڇمب سيڪٽر ۽ 50 چورس ڪلوميٽر کيم ڪرن سيڪٽر جو علائقو شامل هو

1965ع جي پاڪ-ڀارت جنگ جي شروعات اصل ۾ جنوريءَ جي شروعات ۾ ٿي چڪي هئي، جڏهن "ڪڇ" ۽ "سنڌ" جي وچ ۾ 3500 چورس ڪلوميٽر سامونڊي علائقي جنهن کي "رن آف ڪڇ" پڻ چيو وڃي ٿو، تي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جهڙپ ٿي ان مقابلي ۾ پاڪستاني فوجن ڀارت کي عبرتناڪ شڪست ڏئي علائقي تي قبضو ڪري ورتو بعد ۾ هن تڪرار ۾ آمريڪي صدر ووڊرو ولسن ثالثي ڪئي

مارچ جي مهيني ۾ ڀارتي صدر لال بهادر شاستري ڀارتي قانون ۾ ترميم ڪندي ڪشمير کي هڙپ ڪرڻ لاءِ شق نمبر 356 ۽ 357 شامل ڪيون ۽ ڪشمير ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو، ان خلاف ڪشميرين احتجاج شروع ڪيو، جنهن تي ڀارت ڪشميري اڳواڻ "شيخ عبدالله" کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ نتيجي ۾ ڪشميري عوام جو غصو اڃا وڌيڪ وڌي ويو

ڪشمير تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارت هميشه وانگر پاڪستان خلاف واويلا شروع ڪري ڇڏي هئي ڀارت 5 آگسٽ تي ئي پاڪستان تي حملي جو اعلان نه ڪري ڇڏيو هو، پر 1965ع جي جنگ جو باقاعده آغاز 6 سيپٽمبر تي ڀارتي حملي سان ٿيو، هن جنگ ۾ لاهور، چونڊا، ڇمب ۽ کيم ڪرن جي محاذن تي پاڪستاني فوج ۽ پاڪستاني قوم گڏجي اهڙي تاريخ رقم ڪئي، جنهن کي هندو واپاريءَ جون نسلون به ياد رکنديون رڳو 17 ڏينهن جي جنگ کان پوءِ ڀارت جي حالت اهڙي ٿي وئي جو هن آمريڪا اڳيان منٿون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون

اڄ ڀارت جي ڪمزوري ۽ مڪاريءَ کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز ڪرڻ ڪنهن وڏي نقصان جو پيش خيمو ثابت ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته 1965ع کان 1971ع تائين رڳو پنجن ڇهن سالن جي عرصي اندر، ڀارت پاڪستان جي اندروني ڪمزورين مان فائدو وٺندي پاڪستان کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو، اڄ جو پاڪستان جيوٽيڪ فوجي نقطءِ نظر کان ڪلهه جي ڀيٽ ۾ گهڻو مضبوط آهي، پر پاڪستان جي اندروني انتشار مان ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر فائدو وٺي سگهي ٿو

يومِ دفاع جي موقعي تي ماضيءَ سان گڏ پاڪستان جي مستقبل بابت سوچڻ به ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان خلاف سازشن جو سلسلو اڃا ختم نه ٿيو آهي جنهن شيءِ پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچايو ۽ پاڪستان خلاف عالمي سازشن کي ڪامياب بڻايو، اها پاڻ ۾ باهمي ڇڪتاڻ آهي ان حقيقت کان نظرون چورائڻ يا ان کي تسليم نه ڪرڻ حقيقتن کان منهن موڙڻ جي برابر آهي صدر ايوب کان وٺي اڄ تائين هن ئي خال مان پاڪستان جا دشمن اندر داخل ٿي ملڪ کي نقصان پهچائيندا رهيا آهن تنهن ڪري هاڻي ان خال کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن اهو سمجهي وٺڻ ته پاڪستان ايٽمي طاقت بڻجڻ کان پوءِ يا معرڪہ حق کان پوءِ ناقابلِ تسخير ٿي ويو آهي، ته جزوي طور اها ڳالهه درست ٿي سگهي ٿي، پر مڪمل طور تي ان کي تسليم نٿو ڪري سگهجي شهيدن جي قربانين جو حق ان طريقي سان ادا ڪري سگهجي ٿو ته انهن جي مشن کي جاري رکيو وڃي

اڄ پاڪستان جو سياسي انتشار، معاشي ڪمزوري ۽ پاڪستاني فوج ۽ قوم وچ ۾ فاصلا وڌائڻ جون ڪوششون پاڪستان کي هرگز درست رخ ۾ وٺي نه پيون وڃن اهڙي صورتحال ۾ عسڪري ۽ سياسي قيادت جي ڪلهن تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي ساڳيءَ طرح عوام کي به عالمي، خاص طور ڀارتي ميڊيا جي پروپيگنڊا جو شڪار ٿي مايوس ٿيڻ بدران حالتن جي نزاڪت کي سمجهندي دشمن جي سمورين چالن تي نظر رکڻ گهرجي

اڄ رڳو ڀارت ئي نه، پر افغانستان کلي عام، جڏهن ته اسرائيل ۽ ڪجهه ٻيا ملڪ پردي پٺيان پاڪستان جي اندروني انتشار کي وڌائڻ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن جديد دور ۾ جنگ رڳو جنگ جي ميدان تائين محدود نه رهي آهي، پر اها جنگ جي ميدان کان ٻاهر به وڙهي وڃي ٿي جنهن کي "هائبرڊ وارفيئر" چيو وڃي ٿو

اڄ پاڪستان جي هر فرد، هر اڳواڻ ۽ هر اداري کي محتاط ٿيڻ ۽ پنهنجي رخ کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ذاتي مفادن ۽ انا کان مٿانهون ٿي پاڪستان جي بقا ۽ وقار کي اوليت ڏني وڃي، وطن جي خاطر پنهنجي جان قربان ڪندڙن سان وفاداريءَ جو تقاضو اهوئي آهي ته انهن جي قربانيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ رائيگان وڃڻ نه ڏنو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 06 سيپٽمبر 2026ع

# پيٽروليم ليويءَ جي نالي تي عوام کان اربين رپين جي وصولي!

جمع جي ڏينهن تي هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر قيمت 287 رپيا 33 پئسا هئي، جيڪا وڌي 520 رپيا 35 پئسا تائين پهتي، جڏهن ته پيٽرول جي قيمت 279 رپيا 75 پئسا مان وڌي 458 رپيا 41 پئسا ٿي وئي آهي. ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو طوفان اڳ ئي عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏيو آهي. مٿان وري پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ٿيندڙ اهو مسلسل واڌ ۽ انهن تي لاڳو مختلف ٽئڪسن عوام جي معاشي تڪليفن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. حڪومت لاءِ پيٽروليم شين تي ٽيڪس ۽ ليوي آمدني حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو بڻجي چڪو آهي پر سوال آهي ته رياست پنهنجي آمدني وڌائڻ لاءِ عوام جي کيسي کي ڪيتري حد تائين استعمال ڪندي؟ جيڪڏهن هڪ طرف حڪومت رڪارڊ آمدني حاصل ڪري رهي هجي ۽ ٻئي طرف عوام دنيا جو سڀ کان مهانگو ٻارڻ (فيول) خريد ڪرڻ تي مجبور هجي ته پوءِ معاشي پاليسين جي رُخ تي سوال اٿڻ فطري ڳالهه آهي.

سامهون آيل انگن اکرن موجب موجوده وفاقي حڪومت جي اڍائي سالن جي عرصي دوران پيٽروليم ليويءَ جي مد ۾ عوام کان رڪارڊ 3137 ارب رپيا وصول ڪيا ويا آهن. اها رقم معمولي ناهي پر ملڪ جي عام شهرين جي کيسي مان ڪڍيل هڪ وڏي مالي رقم آهي، جيڪا پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ذريعي عوام برداشت ڪئي آهي. ان عرصي دوران هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ في ليٽر 233 رپين تائين ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 178 رپيا 66 پئسا تائين واڌ ٿي چڪي آهي. نتيجي ۾ ٽرانسپورٽر، هاري، مزدور، ڪاروباري ماڻهو ۽ روزانو سفر ڪندڙ لکين شهري سڌي يا اڻ سڌي طرح مهانگائيءَ جو شڪار بڻجي رهيا آهن. ڇو ته پيٽروليم شين جون قيمتون رڳو بار بردار گاڏين جو مسئلو ناهي، ڇاڪاڻ ته انهن جو سڌو تعلق ملڪ جي مجموعي معاشي سرگرمين سان آهي. پيٽرول مهانگو ٿيندو آهي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ جو خرچ وڌي وڃي ٿو. ڊيزل مهانگو ٿيندو ته سامان جي ترسيل، زرعي مشينري ۽ صنعتي پيداوار جا خرچ وڌن ٿا ۽ آخرڪار ان جو بار عام ماڻهوءَ تي پوي ٿو انهيءَ ڪري پيٽروليم ليويءَ کي صرف حڪومت جي آمدنيءَ جو انگ سمجهڻ صحيح نه ٿيندو. ٻئي طرف عوام جي وڌندڙ خرچن، مهانگائي ۽ گهٽ ٿيندڙ خريداريءَ واري قوت جو سوال سامهون اچي ٿو. حڪومت جيڪڏهن هڪ طرف هزارين ارب رپيا ليوي جي صورت ۾ گڏ ڪري ٿي ۽ ٻئي طرف عوام کي مهانگائيءَ مان نجات ڏيارڻ جون دعوائون ڪري ٿي ته ٻنهي پاليسين ۾ توازن پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون عام ماڻهوءَ جي گهريلو بجيٽ کي سخت متاثر ڪن ٿيون. هڪ مزدور يا گهٽ آمدنيءَ وارو ملازم جڏهن پنهنجي ڪم واري هنڌ تائين پهچڻ لاءِ روزانو سفر ڪري ٿو ته پيٽرول يا ٽرانسپورٽ جو وڌندڙ خرچ سندس آمدنيءَ جو وڏو حصو کائي وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح ننڍو ڪاروباري ماڻهو، لوڪل ٽرانسپورٽ جي ڊرائيورن، ٽرانسپورٽرن ۽ هارين تي به ٻارڻ جي قيمت ۾ روزانو ٿيندڙ واڌ جو اثر ٿئي ٿو ان ڪانپوءِ مارڪيٽ ۾ کاڌي پيتي جي شين کان وٺي ڪپڙن ۽ ٻين روزمره جي شين تائين قيمتون وڌڻ شروع ٿين ٿيون. اصل ۾ ٽيڪس نظام کي وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي. ملڪ ۾ جيڪي شعبا سالن کان پنهنجي حقيقي معاشي صلاحيت مطابق ٽيڪس نٿا ادا ڪن، انهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ گهرجي. ٽيڪس جو بار رڳو انهن ماڻهن ۽ شين تي وڌائڻ سان جن کان وصولي آسان آهي، معاشي انصاف قائم ناهي. حڪومت کي آمدني وڌائڻ لاءِ وسيع، منصفاڻو ۽ پائيدار ٽيڪس نظام ٺاهڻو پوندو، جنهن ۾ عام ماڻهوءَ تي غيرضروري بار گهٽ هجي. تنهن ڪري وقت اچي ويو آهي ته حڪومت رڪارڊ ليوي وصول ڪرڻ کي ڪاميابيءَ جو معيار بڻائڻ بدران عوام جي زندگيءَ ۾ آساني پيدا ڪرڻ کي پنهنجي معاشي پاليسيءَ جي اصل ڪاميابي سمجهي.

## لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَڪَرَ مَنجِهه ڪَپارَ، جُهڙَ ڏِيٺِين نه لَهي،
جَهڙا مُنهِنجا سُپِرين، تَهڙا مِينگهه مَلارَ،
ڳنُ اکيُون ڪِلَ يارَ، نه وَڃَنِ سُورَ سَنڌا ڪَئُو.

لطيف سائين هتي اسان کي مجازي يا حقيقي نينهن جي نشن جي ڀڙائي ٿو ته اهي پيار لڳاءَ ۽ اُڪير جا نشانيءَ اهڙا هوندا آهن جو ساٿوئي جي سچ جو تاءُ ۽ تپش به جهڙالي موسم وانگر پيا محسوس ٿيندا آهن ڇو ته ذهن ۾ پرين جي پيار جا ڪڪر ڇانيل هوندا آهن اکين اڳيان سندن چهرو جهڙ جيان پيو ڦرندو ۽ بوڙندو آهي ملڪ ملهار پيو نظرپو ان ڪري جو جهڙا هي مينگهه ملهار هوندا آهن اهڙا ته منهنجا سڄڻ آهن. جيڪي دائمي آهن سندن پيار ۽ محبت ۾ سدائين دلي سڪون هوندو آهي ساٿوڻ جي گرمي ۽ تپش به تذڪار پئي لڳندي آهي دل خوش شادمان رهندي آ. جهڙالي موسم ته ٿوري وقت لاءِ ٿي هوندي آهي اي پرين، اي جانب! اهي پنهنجا نهڻا نيڻ مٿي کڻي نظرون ملائي ته هي وڇوڙي جا ورد، درد، فراق، سور سڀ هليا وڃن. ختم ٿي وڃن ڇو ته اِها شڪتي اها قوت صرف تنهنجي پيار ڀرين نيڻن منجهه ئي آهي. جهڙالي موسم ۾ ناهي هوندي جو اها دائمي نه پروقتي هوندي آهي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

# ٿر ۾ برسات نه پوڻ سبب ڏڪار جو خدشو!

سڄاول بجير

ٿر ۾ جولاءِ جي آخري هفتي دوران هڪ معمولي برسات پوڻ کانپوءِ ڀيهر برساتون نه پوڻ سبب ڏڪاري حالتون شدت اختيار ڪري ويون آهن. جنهن بعد آبادگار هارين ۽ مالوند ماروئڙن سنڌ حڪومت کان ٿرپارڪر کي فوري طور ’ڏڪار ستيل علائقو‘ قرار ڏيڻ جو مطالبو ڪندي هنگامي بنيادن تي امدادي سرگرميون شروع ڪرڻ ۽ چوپائي مال لاءِ چارو فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. هتان جي هارين ۽ مالوندن سميت ٻين جو چوڻ آهي ته ٿر ۾ هلندڙ سال رڳو جولاءِ جي آخري هفتي دوران هڪ معمولي برسات پئي، جنهن بعد هارين اميدن سان پنهنجون ٻنيون پوکيون پر ان کانپوءِ ڀيهر برسات نه پوڻ سبب ٿرجي پوکائي مڪمل طور سکي ۽ ڪومائجي وئي آهي. برسات نه پوڻ ڪري ٻنين ۾ پوکيل فصل مڪمل طور تباهه ٿي ويو آهي، جنهن سبب هارين کي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچي رهيو آهي. ڪيترن ئي هارين ٽريڪٽرن ذريعي لکين رپيا خرچ ڪري ٻنيون پوکيون هيون پر برسات نه پوڻ ڪري فصلن سان گڏ پوکائيءَ تي ڪيل خرچ به ڳچيءَ ۾ پئجي ويو آهي. هاڻي جيڪڏهن برسات پوي به ٿي ته پوکيل فصلن کي ڪو خاص فائدو نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته فصل مڪمل طور سکي يا ڪومائجي چڪا آهن ۽ انهن جي بحاليءَ جا امڪان گهٽ آهن.

ٻئي طرف اڳ ۾ پيل معمولي برسات کانپوءِ جيڪو ٿورو گهڻو گاهه ڦٽو هو اهو به سخت گرمي ۽ برساتن جي وقفي سبب سڪي ختم ٿي ويو آهي. زمين اندر موجود ٻيجارو به گرمي سبب ختم ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري هاڻي ڀيهر گاهه ڦٽڻ جا امڪان به گهٽ آهن. جيڪڏهن صورتحال اهڙي ئي رهي ٿي ته ٿر ۾ چوپائي مال لاءِ چارن جي سخت کوٽ پيدا ٿي سگهي ٿي، جنهن سان هزارين مالوند خاندانن جو گذر سفر سخت متاثر ٿيندو ۽ ڏڪاري حالتون وڌيڪ ڀيانڪ صورت اختيار ڪري سگهن ٿيون. سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر ۽ لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته ٿرپارڪر جي موجوده صورتحال جو فوري طور جائزو وٺي ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏين ۽ هنگامي بنيادن تي رليف جو اعلان ڪري امدادي سرگرميون شروع ڪيون وڃن. جڏهن ته چوپائي مال لاءِ فوري طور چارو فراهم ڪري مالوند ماروئڙن کي وڏي تباهي کان بچايو وڃي.

بک ۽ خوراڪ جي کوٽ سبب چوپايو مال بيمار ٿي رهيو آهي، جڏهن ته مالوند ماروئڙا پنهنجو مال اکين اڳيان بک ۾ پاهه ٿيندي ڏسي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. هڪ پاسي گاهه جو نالو نشان ناهي ته ٻئي طرف مالوندن وٽ مهانگو چارو خريد ڪري چوپائي مال کي کارائڻ جي سگهه به ناهي رهي. ٻڪن ۾ پاهه ٿيل ڳئون، مينهيون، اٺ، ٻڪريون ۽ رڍون ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿينديون پيون وڃن. بلڪ ڪيترائي جانور بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ جيڪڏهن ترت برسات نه پئي يا مال لاءِ هنگامي بنيادن تي چارو فراهم نه ڪيو ويو ته وڏي پيماني تي چوپائي مال جي مرڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي. ڏڪار واري صورتحال چوپائي مال جي اڳهه کي به ڪيرائي ڇڏيو آهي، ڇو ته خريدار بيمار مال خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ جيڪڏهن ڪو خريد ڪرڻ اچي به ٿو ته ڳُجهن عيوض مال وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ٿرجو مالوند هڪ ئي وقت ٻن مصيبتن ۾ ڦاسي ويو آهي، ته مال کي کارائڻ لاءِ چارو آهي ۽ نه ئي وڪرو ڪرڻ تي مناسب اڳهه ملي رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت فوري طور تي ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏئي چوپائي مال لاءِ چارو فراهم ڪرڻ ۽ هنگامي امدادي سرگرميون شروع نه ڪيون ته موجوده ڏڪار واري صورتحال وڏي معاشي الميي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. ٿر ۾ حالتون شدت اختيار ڪرڻ باوجود حڪومت جي ڪن لاتار صورتحال کي وڌيڪ ڀيانڪ ٿيڻ جو خدشو آهي. ڏڪار واريون حالتون ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندي وڌيڪ ڀيانڪ رخ اختيار ڪري رهيون آهن. پر سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي ڪن لاتار واري رويي سبب مارئڙن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. هڪڙي پاسي ٻنين ۾ پوکيل فصل سکي تباهه ٿي رهيا آهن ته ٻئي طرف گاهه نه هئڻ سبب هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ چوپايو مال بک ۽ خوراڪ جي کوٽ سبب بيمار ٿي ويو آهي، جڏهن ته غريب ماڻهو مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيڙهجي رهيا آهن. موجوده ڏڪار واري حالتن جا چٽا آثار سامهون اچڻ باوجود حڪومت پاران ٿر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏيڻ، هنگامي امدادي سرگرميون شروع ڪرڻ ۽ متاثرن لاءِ عملي رليف جو اعلان نه ٿيڻ تي پڻ ڪيترائي سوال پيدا ٿي رهيا آهن. آخر حڪومت ڪنهن وڏي تباهي ۽ حالتن جي مڪمل طور هٿن مان نڪري وڃڻ جو ته انتظار نه ڪري رهي آهي؟ جيڪڏهن ترت قدم نه کنيا وڃن ته بک، ڏڪار، فصلن جي تباهي، چوپائي مال جي امڪاني موت ۽ وڌندڙ مهانگائيءَ سبب صورتحال هڪ وڏي انساني الميي جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي. موجوده ڪن لاتار ۽ دير سبب پيش ايندڙ امڪاني حادثي جي ذميواري لاڳاپيل اعليٰ اختيارين تي پوندي.

# 1965ع جي جنگ ۾ پاڪ بحريه جو ڪردار ۽ اُن جي ترقيءَ جا مرحلا

افتخار احمد خانزاده

نظرياتي سوچ جي بنياد تي وجود ۾ ايندڙ پاڪستان پنهنجي قيام جي شروعات کان ئي سخت بحرانن ۽ مسئلن کي منهن ڏيندو رهيو. انهن مسئلن مان هڪ وڏو مسئلو اهو به هو ته ملڪ جا اثاثا ۽ وسيلا پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ انصاف سان ورهائي نه ڏنا ويا. زندگيءَ جي ٻين شعبن وانگر پاڪ بحريه کي به هن ناانصافي جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. هن ڏکي صورتحال مان نڪرڻ ۽ پاڪ بحريه کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڪافي ڏکيو وقت لڳو. 2 جون 1947ع تي جڏهن هندستان کي ٻن الڳ ملڪن يعني پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، تڏهن لارڊ مائونٽ بيٽن ’تقسيم جا انتظامي نتيجا‘ جي نالي سان هڪ خط جاري ڪيو. ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ ڪيترائي اهم مسئلا حل ڪرڻا هئا، جن ۾ انتظامي بدنظمي کان بچڻ ٻنهي ملڪن جي سرحدن جو آخري فيصلو ڪرڻ ۽ فوج جي مختلف ادارن، سامان ۽ اثاثن کي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ورهائڻ شامل هئا. فوج جي ورهاست جي ذميواري فوج جي ڪمانڊر اِن چيف فيلڊ مارشل سر ڪلاڊ آڪنلڪ کي ڏني وئي فوج کي نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي وئي. جنهن جو ڪم اهو طئي ڪرڻ هو ته فوج کي ٻنهي ملڪن ۾ ڪهڙي طريقي سان ورهايو وڃي ان کان علاوه، ننڍيون ذيلي ڪميٽيون به ناهيون ويون، جن جي ذميواري هئي ته انهن پاليسين تي عمل ڪرائڻ لاءِ تفصيلي تجويزون تيار ڪن انهن ئي ذيلي ڪاميٽين مان هڪ بحري معاملن واري ڪميٽي هئي، ان جي سربراهي ڪموڊور جيمز ولفريڊ جيفورڊ ڪري رهيو هو جيڪو اڳتي هلي رائل پاڪستان نيوي جو رئير ايڊمرل ۽ ڪمانڊر اِن چيف ٿيو هن ڪميٽي ۾ ڪمانڊر حاجي محمد صديق چوڌري پڻ شامل هو جيڪو اڳتي هلي پاڪ بحريه جو پهريون پاڪستاني سربراهه ۽ وائيس ايڊمرل بڻيو ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي فوجي آفيسر هن ڪميٽي جو حصو هئا.

12 جولاءِ 1947ع تي رائل انڊين نيوي جي جهازن کي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ورهائڻ جو اعلان ڪيو ويو فيصلو اهو ٿيو ته جهاز رڳو انگ جي حساب سان برابر برابر نه ورهايا وڃن پر ٻنهي ملڪن جي ضرورتن کي ڏسي ورهايا وڃن پاڪستان جا ٻئي حصا هڪبئي کان تمام گهڻو پري هئا. تنهنڪري پاڪستان کي اهڙن بحري جهازن جي وڌيڪ ضرورت هئي، جيڪي ڊگهي وقت تائين سمنڊ ۾ رهي ۽ ڊگهو سفر ڪري سگهن پر بحري جهازن ۽ ٻين سامان جي جيڪا ورهاست ٿي، اُها پاڪستان جي اصل ضرورتن مطابق نه هئي 7 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جو مقرر ڪيل گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح نئين دهليءَ مان ڪراچي روانو ٿيو. قائداعظم سان گڏ سندس اي ڊي سي ليفٽيننٽ سيد محمد احسن به هو جيڪو اڳتي هلي رئير ايڊمرل ۽ پاڪ بحريه جو سربراهه بڻيو دلچسپ ڳالهه اِها آهي ته ان کان صرف هڪ ڏينهن اڳ تائين هو وائسراءِ جو اي ڊي سي هو پاڪ بحريه قائم ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ناهي وئي هئي، ان جا ميمبر 12 آگسٽ 1947ع تي ڪراچي پهتا ته جيئن نئين ملڪ جي بحريه ٺاهڻ جون تياريون شروع ڪري سگهن ان وقت ميولز مينشن نالي عمارت، جتي ڪراچي جي نيول آفيسر اِن چارج جو دفتر هوندو هو، ان کي نيول هيڊڪوارٽرز بڻايو ويو پر اُتي عملي طور تي تقريباً هر شيءِ جي کوٽ هئي آفيس ۾ ٽيبل ڪرسيون، الماريون، دفتري سامان ۽ لکڻ پڙهڻ جو سامان به تمام ٿورو هو عارضي طور تي وڏا ڪاٺ جا دٻا ٽيبل طور ۽ ننڍا دٻا اسٽول طور استعمال ڪيا ويندا هئا. ايڇ ايم آءِ ايس دلاور جهاز جي پاهران خيما لڳايا ويا ۽ انهن ۾ ڪاٺ جي تختن ۽ سرن سان ٽيبل ناهيا ويا. ٽائپ رائيٽر به تمام ٿورا هئا. تنهنڪري آفيس جو ڪم مقامي بازار مان خريد ڪيل پينسلن ۽ ڪاغذن سان شروع ڪيو ويو هن سڄي صورتحال مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڪستان ٺهڻ وقت پاڪ بحريه وٽ سهولتون، سامان ۽ وسيلا تمام گهٽ هئا. ان هوندي به انهن ئي محدود وسيلن سان بحريه جو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ آهستي آهستي ان کي ترقي ڏئي هڪ مضبوط اداري ۾ تبديل ڪيو ويو.

لارڊ مائونٽ بيٽن پنهنجي زال سان گڏ 13 آگسٽ 1947ع تي ڪراچي پهتو هو ان لاءِ آيو هو ته حڪومت جا اختيار پاڪستان جي گورنر جنرل حوالي ڪيا وڃن 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جي قيام سان گڏ ئي رائل پاڪستان نيوي (پاڪ بحريه) به وجود ۾ اچي وئي صبح جو 8 وڳي رئير ايڊمرل جي ڊبليو جيفورڊ، جيڪو رائل پاڪستان نيوي جو فليگ آفيسر ڪمانڊنگ هو بحريه جو علامتي جهنڊو ايڇ ايم پي ايس ’گوداوري‘ تي ڦڙڪايو ان کانپوءِ ايڊمرل جو پهريون پيغام سگنل ذريعي رائل پاڪستان نيوي جي سڀني جهازن ۽ سامونڊي ڪناري وارن ادارن ۾ موجود آفيسرن ۽ سپاهين تائين پهچايو ويو آزادي جي تقريبن ۾ هڪ تمام اهم اعزاز قائداعظم محمد علي جناح کي پهريون اعزازي گارڊ پيش ڪرڻ هو ۽ اهو اعزاز رائل پاڪستان نيوي کي حاصل ٿيو اُن وقت دنيا جي دولتِ مشترڪ (Commonwealth) جي ٻين بحري فوجن وانگر پاڪستان جي بحريه جي نالي سان به ’رائل‘ لفظ لڳل هو اِهو لفظ 1956ع تائين نالي سان گڏ رهيو جڏهن پاڪستان کي جمهوريه (Republic) قرار ڏنو ويو، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ نيول هيڊڪوارٽرز جي هڪ شروعاتي گنجائش ۾ بحريه وٽ موجود محدود جهازن ۽ ٻين وسيلن جو جائزو ورتو ويو ان وقت رائل پاڪستان نيوي وٽ 16 مختلف قسمن جا بحري اثاثا/جهاز، 3 تربيت جا مرڪز هئا. جن ۾ گنري ۽ ريڊار اسڪول به شامل هئا. ان کان علاوه لڳ ڀڳ 200 آفيسر ۽ 3,000 ٻيو عملو موجود هو پر حالتون تمام ڏکيون هيون ۽ مسئلا تمام گهڻا هئا. مثال طور، جهازن جي مرمت لاءِ مناسب انتظام موجود نه هئا، پاڪستان جي اوڀر ۽ اولهه وارن حصن وچ ۾ صحيح مواصلاتي رابطا موجود نه هئا ۽ تقريباً هر شعبي ۾ آفيسرن جي سخت کوٽ هئي اهي ڪجهه اهڙا وڏا مسئلا هئا. جن کي پاڪ بحريه کي پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ۾ منهن ڏيڻو پيو يعني پاڪ بحريه ته ملڪ ٺهڻ سان ئي وجود ۾ اچي ويو پر ان وٽ وسيلا ۽ سهولتون تمام محدود هئا ۽ اُن کي هڪ مضبوط بحري قوت بڻجڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پئي 1965ع تائين پاڪ بحريه ايتري مضبوط ٿي چڪي هئي جو اُها پاڪستان جي سامونڊي حدن جي حفاظت ۽ اهم سامونڊي رستن جي بچاءَ جي ذميواري چڱيءَ طرح نڀائي سگهي ٿي پاڪستان جي آبدوز ’غازي‘ کي خاص حڪم ڏنو ويو ته ڀارتي بحريه جي وڏن جنگي جهازن کي نشانو بڻائڻ لاءِ بمبئي (هاڻوڪو ممبئي) جي آس پاس واري سامونڊي علائقي ۾ مقرر ڪيو وڃي جڏهن ته پاڪستان جا باقي بحري جهاز ڪراچي کان لڳ ڀڳ 100 ميل جي حد اندر گشت لاءِ مقرر ڪيا ويا، ته جيئن پاڪستان جي بحري طاقت هڪ هنڌ گڏ رهي ۽ ضرورت پوڻ تي دفاع يا حملي لاءِ استعمال ڪري سگهجي آبدوز غازي جي ڀارتي سامونڊي حدن ۾ موجودگي سبب، ڀارتي بحريه وٽ جهازن جو تعداد وڌيڪ هجڻ باوجود، هُو پنهنجا ڪيترائي جهاز بندرگاهن کان ٻاهر ڪيڍڻ کان ڊڄندا رهيا ۽ بندرگاهن اندر ئي محدود ٿي ويا هن صورتحال مان فائدو وٺندي پاڪ بحريه کي دوارڪا تي هڪ مؤثر حملو ڪرڻ جو موقعو مليو، دوارڪا ۾ هڪ اهم ريڊار اسٽيشن لڳل هئي جيڪا پاڪستان جي سامونڊي تنصيبات تي ڀارتي هوائي حملن ۾ مدد ڪري رهي هئي پاڪستان لاءِ اهو ريڊار اسٽيشن هڪ اهم خطرو هو، ڇاڪاڻ ته ان جي موجودگي ۾ پاڪستان جي سامونڊي تنصيبات جي حفاظت ڪرڻ واپاري سامونڊي سرگرميون جاري رکڻ ۽ بحري فوج جون جنگي ڪارروايون هلائڻ ڏکيو ٿي رهيو هو. جنگ دوران اُن اهم ڀارتي ريڊار اسٽيشن کي تباهه ڪرڻ کي پاڪ بحريه جي جنگي تاريخ جو هڪ تمام اهم ڪارنامو قرار ڏنو ويو ان حملي ڀارتي فوجي منصوبن کي ناڪام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ان ڪري اهو واقعو پاڪ بحريه جي جنگي تاريخ ۾ اڄ به ياد ڪيو وڃي ٿو 1965ع جي جنگ پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي هن جنگ نه رڳو پاڪستان جي فوجي تاريخ تي گهرا اثر ڇڏيا، پر ان ڪانپوءِ ماڻهن جي قومي سوچ، ملڪ جي دفاعي پاليسين ۽ پاڪ بحريه جي جنگي حڪمت عملي ۾ به وڏيون تبديليون آيون جنگ ڪانپوءِ اِها ڳالهه وڌيڪ واضح ٿي وئي ته ملڪ جي حفاظت جو مطلب رڳو زميني سرحدن جي حفاظت ڪرڻ ناهي، پر سمنڊ، بندرگاهن، سامونڊي رستن ۽ سامونڊي ڪناري تي موجود اهم تنصيبات جي حفاظت به ملڪ جي سلامتي جو اهم حصو آهي جنگ جا نتيجا پاڪستان لاءِ حوصلا افزا رهيا، هڪ نسبتاً نئين ۽ ننڍي بحري طاقت پنهنجي کان ڪيترائي ڀيرا وڏي بحري طاقت جي جنگي ارادن کي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي 1965ع جي جنگ کانپوءِ پاڪ بحريه جديد دور جي ضرورتن مطابق پنهنجا جنگي جهاز ۽ ٻيو سامان حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوششون شروع ڪيون بحري ٻيڙي ۾ جديد آبدوزون، هوائي جهاز ۽ بحري جنگي جهاز شامل ڪيا ويا ان سان گڏ ليڪٽرانڪ وارفيئر سسٽم به حاصل ڪيا ويا ۽ سمنڊ جي هيٺان ڪم ڪندڙ بحري طاقت ۾ به تمام گهڻو اضافو ڪيو ويو اهي سڀ قدم ان ڳالهه جو ثبوت هئا ته پاڪ بحريه کي وقت سان گڏ وڌيڪ مضبوط ۽ جديد بڻايو پئي ويو مختلف دورن ۾ پاڪ بحريه جي قيادت وقت جي ضرورتن مطابق اهم فيصلا ڪيا ۽ جديد جنگي جهاز حاصل ڪري بحريه جي جنگي طاقت کي برقرار رکيو. گذريل ڪجهه ڏهاڪن دوران پاڪ بحريه جي بحري ٻيڙي ۾ نوان ۽ جديد جهاز ۽ ٻيا دفاعي وسيلا شامل ٿيندا رهيا، جنهن ڪري پاڪ بحريه مسلسل جديد ٿيندي ۽ پنهنجي صلاحيت وڌائيندي رهي.

پاڪ بحريه ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هن خطي ۾ هڪ مضبوط ۽ سرگرم بحري قوت طور ڪم ڪندي رهي آهي سمنڊ جي حفاظت ۽ خطي جي سامونڊي علائقن ۾ امن قائم رکڻ لاءِ پاڪ بحريه ڪيترائي قدم کنيا آهن جن ۾ سامونڊي ڌاڙيلن ۽ دهشتگردي خلاف ڪارروائيون، مختلف ٽاسڪ فورسز ٺاهڻ ۽ علائقائي سامونڊي سيڪيورٽي لاءِ گشت شامل آهن 21هين صديءَ جي جديد ضرورتن مطابق پاڪ بحريه پاڻ کي جديد بڻايو آهي ۽ اڄ اُها ان مقام تي پهچي چڪي آهي، جتي ڪيس ڪيترائي ڀيرا بين الاقوامي بحري فوجن جي اڳواڻي ڪرڻ جا موقعا مليا آهن ’امن‘ نالي عالمي بحري مشق به باقاعدگي سان ڪرائي ويندي آهي اها عالمي امن ۽ مختلف ملڪن جي وچ ۾ سهڪار جي علامت سمجهي وڃي ٿي هن مشق ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جون بحري فوجون پاڪستان جي سبز هلالي پرچم هيٺ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان شرڪت ڪنديون آهن بحري معاملن واري وزارت جي نگرانيءَ هيٺ انٽرنيشنل ميري ٽائيم ايگزيبيشن اينڊ ڪانفرنس (PIMEC) جهڙيون تقريبون پڻ منعقد ڪيون وڃن ٿيون. جتي بحري صنعت سان لاڳاپيل سامان ۽ ٽيڪنالاجي جي نمائش ڪئي وڃي ٿي اهي سرگرميون پاڪ بحريه جي پيشورانه صلاحيتن ۽ فني مهارت کي ظاهر ڪن ٿيون اندو پئسفڪ علائقي جي سياسي ۽ جاگرافيائي صورتحال ۾ پاڪ بحريه جو ڪردار به اهم سمجهيو وڃي ٿو معرڪ حق دوران پاڪ بحريه جي خاموش پر اثرائتي ڪردار کي به وساري نٿو سگهجي پاڪ بحريه دشمن بحريه جي جنگي منصوبن ۽ چالن کي ناڪام بڻايو ۽ کيس ڪنهن به وڏي جارحاڻي قدم کڻڻ جو موقعو نه ڏنو اڄ پاڪ بحريه هن خطي ۾ هڪ مضبوط بحري قوت جي حيثيت رکي ٿي ۽ بحر هند ۾ پاڪستان جي دفاع ۽ مضبوط مزاحمت جي علامت طور موجود آهي وقت سان گڏ مختلف مرحلن مان گذري پاڪ بحريه نوان موقعا ۽ نيون صلاحيتون پيدا ڪري رهي آهي اهي ڪوششون پاڪستان جي بقا، سلامتي ۽ خودمختياري کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

# اسان لاءِ سنڌ وطن آهي!

منظور ڪوسو

سائين جي ايم سيد 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ قيام پاڪستان جو تاريخي ٺهراءُ پيش ڪيو. 27 ميمبر اجلاس ۾ حاضر هئا. جن مان 24 ميمبرن قرارداد جي حق ۾ ۽ 3 ڄڻن مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. اهڙي ريت هيءُ ٺهراءُ اڪثريت راءِ سان پاس ٿي ويو. هيءُ به قومي نظريي جي حق ۾ برطانوي هندستان جي ڪنهن به صوبائي اسيمبليءَ مان پاس ٿيندڙ پهرين قرارداد هئي. جيڪڏهن ائين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته سڀ کان اول پاڪستان جي پيڙهه جو پٿر سنڌ رکيو ۽ بعد ۾ 26 جون 1947ع تي سنڌ اسيمبلي باقاعده پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ورهاڱي وقت هڪ اندازي موجب 12 کان 14 لک هندو ۽ سِک پنهنجا گهرگهاٽ، ملڪيتون ۽ ڪاروبار ڇڏي ڀارت لڏي ويا ۽ ڀارت جي مختلف علائقن جهڙوڪ اُتر پرديش، دهلي، بهار، گجرات، راجستان ۽ بمبئي مان اٽڪل 11 لک مسلمان مهاجر هجرت ڪري نه فقط سنڌ ۾ آباد ٿيا پر هندن جي ڇڏيل ملڪيتن ۽ ڪاروبارن تي پڻ قابض ٿيا ۽ اڄ به جيڪڏهن ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي ته انهن جي داخل ڪيل ڪليمن مان 90 في سيڪڙو ڪليم ڪوڙا ۽ جعلي ثابت ٿيندا پر سنڌ کي ماءُ سڏيندڙ پٽن ڪڏهن اُن طرف ڌيان ئي ڪونه ڏنو آهي ته سندن امڙ جي آيل پناهگيرن ڪيئن پينگ ڪئي. پنجاب ۾ هڪ همراهه ڪليم داخل ڪيو ته آئون آخري مغل شهنشاهه جي اولاد ۽ لال قلعي جو وارث آهيان، جيئن ته آئون اُتي لال قلعو ڇڏي آيو آهيان، سو هتي مون کي لاهور جو شاهي قلعو الاٽ ڪيو وڃي. اِهو ٻڌي حڪومت پنجاب پريشان ٿي وئي ۽ هن معاملي تي ڀارت ماڻهو موڪلي تفصيلي جانچ ڪرايائين. جنهن مان خبر پئي ته هن همراهه جو دهليءَ ۾ گاسليٽ جو دڪان هو سو به مسواڙ تي، سو اهڙا اهڙا نڳ به ورهاڱي ڪانپوءِ هتي وارد ٿيا. ايترين سارين قربانين ڪانپوءِ سنڌ کي ڇا مليو. ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪرڻ، ون يونٽ، ڪڏهن نوان صوبا ته ڪڏهن نوان انتظامي يونٽ، مختلف نالن ۽ بهانن سان گذريل 78 سالن کان سنڌ کي لٽڻ ۽ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سنڌ اسيمبليءَ ڇنڇر ڏينهن جي نهايت جذباتي بحث مباحثي ڪانپوءِ سنڌ جي ورهاست، نون صوبن يا ان قسم جي مڪروه ڪوششن کي انتظامي يونٽس جو نالو ڏيڻ جي آڙ ۾ سنڌ ورهائڻ جي سازش خلاف پيش ڪيل قرارداد کي 105 ميمبرن جي اڪثريت سان منظور ڪري ورتو. جڏهن ته هن کان اڳ 2019ع، 2014ع، 2012ع، 1948ع ۾ سنڌ اسيمبلي متفقه قرارداد پاس ڪري سنڌ ورهائڻ جي سازشن جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي چڪي آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ وڏي اڪثريت سان پاس ٿيندڙ قرارداد ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ تاريخي ڌرتي ۽ ناقابل تقسيم آهي. سنڌ قيام پاڪستان جي قرارداد منظور ڪئي. سنڌ اسيمبلي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي قرارداد منظور ڪئي هئي. سنڌ ۾ ڪنهن به قسم جي ورهاست کي ايوان رد ڪري ٿو. سنڌ جي موجوده حدن ۾ ڪا به تبديلي نه ٿيندي، سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي. ايم ڪيو ايم ميمبرن جي منافقت ان وقت کُلي ڪري سامهون آئي جڏهن هُو ايوان مان بائيڪاٽ ڪري هليا ويا. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه نون انتظامي يونٽن جي حامين کي نهايت سخت زبان ۾ پيغام ڏيندي چيو ته ’سنڌ جي معاملن ۽ مستقبل بابت فيصلا سنڌ جا نمائندا ئي ڪندا. سنڌ جي جاگرافيائي وحدت تي ڪنهن به صورت ۾ ڪمپرومائيز نه ٿيندو ۽ سنڌ ورهائڻ جي ڪا به ڪوشش قابل قبول نه هوندي. هن چيو ته اڄ اِهو واضح ٿي ويندو سنڌ جي ورهاست ڪير چاهي ٿو ۽ ڪير ان جي خلاف آهي‘ ۽ پوءِ سڀني ڏٺو ته هن اهم موقعي تي حزب اختلاف ۽ خاص ڪري ايم ڪيو ايم جنهن وڏيون وڏيون جذباتي تقريرون پئي ڪيون ته اسان سنڌ جي ورهاست نه ٿا چاهيون، ايوان مان بائيڪاٽ ڪري ويا. 1988ع کان اڳ به يعني جولائي 1972ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبلي سنڌي ٻوليءَ جو بل منظور ڪيو ته اردودان مفادپرست ٽولي جي شرانگيزي کُلي عام روڊن تي نعرا هڻندي نڪري آئي. هنن کي نه فقط سنڌ سان پر سنڌي ٻوليءَ سان به ويرهو پر الميو اِهو آهي ته ان جي باوجود به وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ وقتن بوقتن وڏيون سياسي پارٽيون انهن سان اتحاد ڪري وزارتون ڏئي مٿل گهوڙي ۾ ساهه وجهنديون رهيون آهن. جيڪڏهن ائين نه ڪيو وڃي ها ته هيستائين انهن جي سياست جو خاتمو ٿي چڪو هجي ها. ڇنڇر ڏينهن جي اسيمبلي سيشن ۾ ڪن جذباتي تقريرون ڪيون ته ڪن ڌڙڪا ڌمڪيون ڏنيون ته ڪن شهپر وٽيا ته ڪي نعرا هڻي ويهي رهيا. هر ڪنهن پنهنجي علم عقل جي زور تي پئي پاڻ موکيو پر ليڪڪ، ڪالم نگار ۽ شاعر سردار شاهه جيڪو مون کي سياستدان گهٽ ۽ شاعر وڌيڪ لڳندو آهي سو سڄي ماحول تي ڇانيل نظر آيو سنڌ جي وحدت کي نه فقط دليلن سان تاريخي تناظر ۾ بيان ڪيائين ۽ آخر ۾ خوبصورت انداز ۾ نظم پڙهي سنڌ اسيمبلي جو ڳاٽ اوچو ڪيائين. اهڙن ماڻهن جو اسيمبليءَ ۾ هجڻ سڀ لاءِ قابل فخر آهي. اِها سندس هيءُ نظم آهي.

اسان لاءِ سنڌ وطن آهي
اسان کي روح تي پاتل
اسان لاءِ جڻ بدن آهي
اِها ئي آ زمين منهنجي
اِهو منهنجو گگن آهي
اِها ئي بهشت منهنجي آ
اِهو باغ عدن آهي
اِهو آهي اندر منهنجو
اِهو دل-ديس منهنجو آ
بنا جنهن جي اڳهاڙو مان
وطن هي ويس منهنجو آ
چوين ٿو جسم منهنجي تان
اِهو تون ويس لاهيندين
ڪري ليڙون لڱن جون، تون
بدن منهنجو ورهائيندين!!
ڪندين ٽڪرا محبت جا
نوان نقشا بڻائيندين!
اِهي ناٽڪ رچائيندين
لڪي جي وار ڪرڻو ٿئي
اسان کي روح پنهنجي کان
اگر جي ڏار ڪرڻو ٿئي
اچي کو خون جو درياهه
اول سو پار ڪرڻو ٿئي
وطن ۾ ساهه جن جو آ
وطن تن لاءِ بدن آهي
وطن تي جن پڙهيو ڪلمو
وطن تن لاءِ ڪفن آهي
اسان لاءِ سنڌ وطن آهي!

# اڄوڪو ڏينهن ---- 06 سيپٽمبر

### ڊاڪٽر سارا صديقي

ڊاڪٽر سارا صديقي سنڌ جي پهرين مسلمان ڊاڪٽرياڻي هئي هن جو جنم 6 سيپٽمبر 1906ع تي شڪارپور ۾ عبدالقادر صديقيءَ جي گهر ٿيو هن شروعاتي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان حيدرآباد جي ڪنڌن مل هاءِ اسڪول مان 1926ع ۾ پاس ڪيائين اڳتي هلي دهليءَ جي ليڊي هارڊنگ ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽرياڻي بڻجي وئي هن لنڊن مان اي آر سي او ۽ ايف آر سي او جا ڪورس پڻ پاس ڪيا. ڊاڪٽر سارا دهلي، ڪلڪتي ۽ جبل پور سميت هندستان جي مختلف شهرن ۾ ڊاڪٽرياڻيءَ طور فرائض سرانجام ڏنا ان بعد ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪيائين هن ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ سينئر پروفيسر طور ڪم ڪيو. 1970ع ۾ رٽائر ٿيڻ بعد بندر روڊ ڪراچيءَ تي قائم پنهنجي نجي ڪلينڪ ۾ مريضن جو علاج ڪندي هئي 10 نومبر 1982ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو

### جعفر علي ناچيز خاصخيلي

چوندا آهن ته ’شوق جو ڪو ملهه ڪونهي‘ جعفر علي خاصخيليءَ کي معلومات گڏ ڪرڻ ۽ ريڊيو جي معلوماتي پروگرامن ۾ حصو وٺڻ جو تمام گهڻو شوق هو هن نرالي انسان 6 سيپٽمبر 1954ع تي پٿوري پرسان ڳوٺ اڪڙي لوهڙي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو اڃا ننڍوئي هو جو سندس والد محمد بخش عرف ڇيرخان لڏي اچي سانگهڙ شهر ويجهو احمد خان مريءَ ۾ پنهنجا پڪا اڏيا. ان ڪري هن جي حياتيءَ جو گهڻو حصو اتي ئي گذريو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ ميونسپل ڪميٽي سانگهڙ ۾ نوڪري ڪئي 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي معلوماتي پروگرامن ’لوچين سي لهن‘، ’پچن سي پسن‘، ’لطيف ڪئيڙ‘ ۽ اهڙن پروگرامن ۾ خط لکي شامل ٿيڻ شروع ڪيو اڳتي هلي هن ريڊيو جا معلوماتي پروگرام ٻڌندڙن سان رابطو رکڻ لاءِ پهريائين ’انجمن لوچين سي لهن‘ ۽ ان کانپوءِ ’انجمن سوچ ۽ لوچ‘ جو بنياد رکيو هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ’ريڊيو ٻڌندڙن جي ڪانفرنس‘ پڻ ڪوٺائي اڳتي هلي ’مهراڻ معلوماتي انجمن سنڌ‘ نالي هڪ تنظيم قائم ڪيائين ۽ پاڻ انهيءَ تنظيم جو مرڻ گهڙيءَ تائين صدر رهيو. هن کي ادب سان به گهڻو چاهه هو ۽ ’ناچيز‘ تخلص سان شاعري ڪندو هو هن ڇهه ڪتاب لکيا، جن مان فقط هڪ ڪتاب ’آواز جي دنيا جا ساٿي عرف ماڻهو ميگهه ملهار‘ ڇپجي سگهيو. هن 3 اپريل 1997ع تي وفات ڪئي

### تاج جويو

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي برک اديب، محقق، نقاد ۽ تعليمي ماهر تاج جويي جي سالگرهه جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن ساڃاهه وند ساهتڪار اڄوڪي ڏينهن تي 1954ع ۾ ڳوٺ پير ڪولاچي، تعلقي سڪرنڊ ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) جي سند حاصل ڪئي ان کان علاوه اديب عالم فاضل جو امتحان پاس ڪيو عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين 1984ع ۾ ڪاليج ليڪچرار مقرر ٿيو 1997ع ۽ 2008ع ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ 2014ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو تاج جويو سنڌي ادبي دنيا ۾ ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي پاڻ هڪ محقق، مضمون نگار، مقالا نگار، نقاد، شاعر ۽ سنڌيڪار طور سنڌ توڙي هند ۾ مقبول آهي هن جي تصنيف ۽ ترتيب ڏنل ڪتابن جو تعداد 40 کان مٿي آهي سندس لکيل ڪتاب سنڌي ادب جو انمول خزانو قرار ڏئي سگهجن ٿا. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تي سندس ڪيل خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو پاڻ ڪيترائي ڀيرا سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو آهي ۽ انهيءَ سنگت جي تنظيمڪاريءَ ۾ سندس وڏو هٿ رهيو آهي پاڻ ٻين به ڪيترن ئي ادبي، سماجي ۽ علمي تنظيمن ۽ ادارن جو ميمبر رهيو آهي. جن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن، سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچرارس ايسوسيئيشن ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن سندس ادبي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي جن ۾ سچل ايوارڊ، لطيف ايوارڊ، حمل فقير ايوارڊ، بيدل ايوارڊ ۽ ٻيا اٿيڪ ايوارڊ شامل آهن 2020ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران سندس لاءِ حسن ڪارڪردگيءَ جي ايوارڊ جو اعلان ڪيو ويو پر پاڻ اهو ايوارڊ وٺڻ کان انڪار ڪيائين هو سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ سنڌين جي حقن جي حاصلات لاءِ هميشه آواز اٿاريندو رهيو آهي. سندس سالگرهه جي موقعي تي اسين کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

### پروفيسر شمشاد سومرو

سنڌ جي هن نامور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1963ع ۾ موري شهر ۾ ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم موري جي مختلف تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي اڳتي هلي پوليٽيڪل سائنس ۽ اڪنامڪس ۾ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين ان کان علاوه شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌيءَ ۾ ايم اي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم فل ۽ علامه اوپن يونيورسٽيءَ مان بي ايڊ جون سندون پڻ حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر اسڪول ٽيچر طور 1987ع ۾ ڪئي 1990ع ۾ ترقي ڪري هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو 1993ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو مختلف ڪاليجن ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي پاڻ 2023ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو پروفيسر سومري 1982ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ نثر نويس طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي هن ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا آهن جن مان ڪجهه ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن

### رئوف ڪنڊر

هن نامور اداڪار، هدايتڪار ۽ ڊراما نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1964ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي 1984ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري ڪرڻ شروع ڪيائين ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامون

مختيار انڙ

”ٽياڳ“ هو اداڪاريءَ ۽ صداڪاريءَ سان گڏ هن ريڊيو پاڪستان لاءِ ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا آهن هو مختلف نجي ٽيليويزن چئنلن تي اداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪندو رهيو آهي

### قاضي مقصود احمد

قاضي مقصود احمد سنڌ جو مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، محقق ۽ ڪالم نگار آهي هن اڄوڪي ڏينهن تي 1969ع ۾ سيف الدين قاضيءَ جي گهر ۾ مٽياريءَ ۾ اکيون کوليون پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم مٽياريءَ مان حاصل ڪيائين بي ڪام جي سند سچل سرمست ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن جو 1989ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪيائين هن جو پهريون شعر ”روزاني آفتاب اخبار“ ۾ ڇپيو ان بعد شاعري، مضمون، مقالا ۽ ڪالم سنڌ جي ساک وارين اخبارن ۽ ادبي رسالن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”سنڌ نه آهي ملڪ جي“ (شاعري)، ”دائرا“ (شاعري)، ”مسلمان ٻارن جا نالا“، ”تاريخ مٽياري“، ”الرحيق المختوم“ (سيرت النبي ﷺ)، ”لاکو ڦلاڻي“، ”پير غلام مجدد سرهندي آزاديءَ جي تحريڪ جو نادر ڪردار“، ”تلاش سنڌ“ ۽ ”مقصود حيات“ شامل آهن

### عبدالقادر منور هالائي

هالا جو هي نامور شاعر 6 جون 1939ع تي پيدا ٿيو سندس والد جان محمد اضعف هالائي به هڪ قادرالڪلام شاعر هو هن مئٽرڪ جو امتحان مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا مان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ان کان علاوه اديب فاضل سنڌي، مولوي عربي ۽ اديب اردو جا امتحان پڻ پاس ڪيائين عملي زندگيءَ جي ابتدا 1958ع ۾ سنڌ جي روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين ۽ اڳتي هلي ترقي ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر جو عهدو ماڻيائين شاعريءَ سان سڄي عمر دلچسپي رهيس ۽ ”انجمن فلاح ادب“، ”بزم گل“ ۽ ٻين ادبي تنظيمن سان واڳيل رهيو سنڌي ۽ اردوءَ ۾ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين شاعريءَ ۾ سندس تخلص ”منور“ هو غزل سندس پسنديده صنف هئي هو 6 سيپٽمبر 1990ع تي ابدي سفر جي روانو ٿي ويو

### شيخ محمد اسلم

سنڌ جي هن تعليم دوست انسان جي اڄ ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 آڪٽوبر 1898ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو سندس والد خانبهادر محمد ابراهيم شيخ خيرپور رياست جو هڪ وزير هو شيخ اسلم مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام هاءِ اسڪول (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان پاس ڪيو وڌيڪ اعليٰ تعليم لاءِ جهونا ڳڙهه ويو پر کيس اتي اڃا ڇهه ست مهينا گذريا ته سندس والد وفات ڪئي. ان ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي سنڌ موٽي آيو پاڻ زندگيءَ جو هڪ چڱو حصو نورمحمد هاءِ اسڪول جي بورڊ جو ميمبر ۽ سيڪريٽري رهيو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هو ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي انتظامي بورڊ جو اڪيلو مسلمان ميمبر رهيو. ان کان علاوه هو سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ۽ سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو پڻ ميمبر رهيو. تاريخ 6 سيپٽمبر 1958ع تي سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو. سندس جسد خاڪيءَ کي حيدرآباد ۾ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مزار ويجهو دفنايو ويو.

### حسين شاهه فاضلاڻي

اڄ سنڌي فلمن جي مشهور فلمساز ۽ اداڪار حسين شاهه فاضلاڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هو مٽياري ضلعي جي مشهور شهر اڏيرو لال ويجهو سعيدپور ڳوٺ ۾ 1924ع ڌاري ڄائو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد حيدرآباد ۽ ممبئيءَ مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين هن جو واسطو هڪ وڏي زميندار گهراڻي سان هو فلمن ڏسڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس رئيس ڪريم بخش نظامانيءَ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين فلم ”ايڪتا“ ناهي جيڪا 1942ع ڌاري رليز ٿي حسين شاهه فاضلاڻيءَ به ساڳيو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي ذاتي خرچ سان ”عمر مارئي“ فلم ناهي اها فلم پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين فلم هئي جنهن ۾ فاضلاڻي صاحب پاڻ ئي هيرو جو ڪردار ادا ڪيو اها فلم 1956ع ۾ رليز ٿي ۽ هندستان توڙي پاڪستان ۾ چڱي ڪاميابي ماڻيائين ان بعد هن ٻي فلم پرديسي ناهي انهيءَ فلم ۾ به پاڻ هڪ اداڪار طور مرڪزي ڪردار ادا ڪيائين هن هڪ اردو فلم استادون ڪي استاد پڻ ناهي سندس آخري فلم هاري هئي پر اها مڪمل نه ٿي سگهي هن 6 سيپٽمبر 1992ع تي وفات ڪئي ڪجهه حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 10 سيپٽمبر 1992ع لکي وئي آهي، جيڪا راقم جي خيال ۾ صحيح ناهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا وفات جو سال 1993ع لکيو آهي، جيڪو پڻ غلط آهي

### ڊاڪٽر عبدالقادر ڪيڙو

اڄ ڏندن جي مشهور ڊاڪٽر پروفيسر عبدالقادر ڪيڙي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو دادو ضلعي جي ڳوٺ جان محمد خشڪ ۾ 26 اپريل 1945ع تي ڄائو هن دادوءَ جي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪئي ان بعد بي ڊي ايس جي سند حاصل ڪيائين اڳتي هلي برطانيه جي لنڊن يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي (اورل پيٿالاجي) جي سند حاصل ڪيائين هن برطانيه مان ايف ڊي ايس آر سي ايس (Fellowship in Dental Surgery of the Royal College of Surgeons of England) جو سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو هن 23 سالن تائين لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ۾ پڙهايو ۽ رٽائر ٿيڻ بعد اسرا يونيورسٽي حيدرآباد ۾ ڏندن جي شعبي جي انچارج ۽ ڊينٽسٽري فيڪلٽيءَ جي ڊين طور ڪم ڪيائين هن 6 سيپٽمبر 2017ع تي سنگاپور جي هڪ اسپتال ۾ دم ڏئيءَ حوالي ڪيو.



روزاني عبرت

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري**
**فيملي سوٽ نمبر سال 2026**

مسمات نوربانو زال نذر حسن ڌي محمد سليم ذات خاصخيلي رهاڪو محلہ راشد آباد ڪنري ضلعو عمرڪوٽ..پلينٽف. بخلاف. نذر حسن ولد نذر محمد ذات سولنگي رهاڪو محلہ راشد آباد ڪنري .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر سال 2026**

مسمات نسرين بروهي ..پلينٽف. بخلاف. عبدالرحمن ولد عبدالستار بروهي رهاڪو محلہ ناگو لائن ڪوٽڙي ضلعو جامشورو .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري مينٽيننس اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-16 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج جامشورو**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر278 سال 2026**

مسمات سائره منگي ..پلينٽف. بخلاف. نذير ڪوڪر ولد جان محمد ذات ڪوڪر رهاڪو خدا جي بستي نمبر 03 ڪوٽڙي نزد دلشاد بلديه هائوس ڪوٽڙي 03140214229 .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج جامشورو**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا**
**(روبرو جناب علي حسن مري)**
**گارڊين سوٽ نمبر33 سال 2026**

مسمات ارم بيواهه Shahzan Khabati رهاڪو طالب المولا ڪالوني هالا نيو ضلعو مٽياري ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) بيبي زينب ڌي Shahzan Khabati عمر 15 سال 7 مهينا (2) مسعود علي ولد Shahzan Khabati عمر 13 سال 07 مهينا. .. مائنر

جنرل پبلڪ ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد**
**(روبرو جناب عابد علي لاکو)**
**گارڊين سوٽ نمبر 130 سال 2026**

ذوالفقار علي ولد غلام سرور رهاڪو گهر نمبر C-34 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات حليمان زال ذوالفقار علي (2) غلام سرور ولد راڻو خان رهاڪو گهر نمبر C-34 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهص صغيرن نالي ذيشان علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظيرآباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد**
**(روبرو جناب عابد علي لاکو)**
**گارڊين سوٽ نمبر 123 سال 2026**

مهر علي ولد غلام سرور رهاڪو گهر نمبر C-34 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات بينظير زال مهر علي (2) ذوالفقار علي ولد غلام سرور رهاڪو گهر نمبر C-34 هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهص صغيرن نالي محمد رضا جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**فيملي جج شهيد بينظيرآباد**

## ڪورٽ نوٽيس

**عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان**
**(روبرو جناب عبدالحڪيم)**
**سول اپيل نمبر 23 سال 2026**

حسن بخش ولد گل محمد ذات پتافي رهاڪو ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) سنڌ حڪومت معرفت ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان (2) اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر (3) مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر (4) سب رجسٽرار ٽنڊو محمد خان (5) محمد خان ولد هوت خان (6) ميرزادي ڌيءُ بچل مسلم بالغ ذات پتافي رهاڪو ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (7) شاهنواز ولد راڻو خان مسلم بالغ ذات جمالي رهاڪو ڳوٺ سونو خان جمالي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (8) محبوب احمد ولد محمد اسلم مسلم بالغ رهاڪو گهر نمبر 201 اولڊ فش مارڪيٽ ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (9) محمد رمضان ولد غلام قادر مسلم بالغ رهاڪو ڪشميري محلہ ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (10) محمد اڪرم ولد غلام رسول مسلم بالغ رهاڪو گهر نمبر 253 ڪچي محلہ ماتلي ٽائون تعلقو ماتلي ضلعو بدين (11) غلام الله ولد مصري خان مسلم بالغ رهاڪو ڳوٺ محمد عثمان حجام بي او پنگريو تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين (12) غلام مرتضيٰ ولد ملو مسلم بالغ ذات لغاري رهاڪو ڳوٺ مير محمد لغاري تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان (13) حسين بخش ولد گل محمد (14) مسمات حنيفان ڌيءُ گل محمد (15) مسمات سائين ڌيءُ گل محمد (16) مسمات قربان ڌيءُ گل محمد ذات پتافي رهاڪو ڳوٺ نبي بخش پتافي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان.. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 5 کان 16 ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري خلاف جيڪا 26-03-2026 تي پاس ڪئي سينئر سول جج II ٽنڊو محمد خان ايف سي سوٽ نمبر 109 سال 2023 (حسين بخش پتافي خلاف سنڌ صوبو ۽ ٻيا )تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس جي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

**ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان**

## گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽرسائيڪل سي ڊي 70 رنگ ڳاڙهو ماڊل 2021 انجڻ نمبر ڊي 051914 چيچس نمبر جي ايڇ 066220 جو اصل سيل ليٽر ۽ انوائيس ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن اگر ڪنهن کي به هي منهنجا ڪاغذ هٿ اچن ته هيٺين ايڊريس تي ڏياري موڪلي ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

عبدالحڪيم ولد عبدالڪريم هنگورو رهاڪو شاهه لطيف ٽائون شهدادپور شناختي ڪارڊ 4420463592219

## عام اطلاع

جيئن ته هر عام ۽ خاص لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته اسان جي آفيس ۾ درخواستگذار نالي محمد ايوب ولد عبدالخالق مغيري درخواست ڏني آهي ته اسان جو والد عبدالخالق ڪافي عرصو اڳ فوت ٿي چڪو آهي جنهن جي نالي تي ديهه شاهپور يوسي شاهپور تعلقه جيڪب آباد ۾ 29-25 ايڪڙ زرعي زمين آهي جنهن جا مرحوم هيٺيان حقيقي وارث ڇڏيا آهن. جن ۾ 1. محمد ايوب، 2. فاروق احمد، 3 رفيق احمد سيئي پٽ عبدالخالق مغيري شامل آهن جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل وارثن کان علاوه ٻيو ڪوبہ دعويٰ دار آهي ته 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس پهچي پنهنجا اعتراض داخل ڪرائي. جڏهن ته مدو گذري وڃڻ جي صورت ۾ کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ بعد ۾ ڪي به اعتراض قابل قبول نہ هوندا.

**مختيارڪار روينيو تعلقو جيڪب آباد**

## گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي ٽريڪٽر فورڊ 4600 گاڏي رجسٽريشن نمبر T-2294 سال 1979 جنهن جو چيسس نمبر B 352762 ۽ انجڻ نمبر D 407124 جا ڪاغذ ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن. جنهن کي به هٿ اچن ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي اطلاع ڪن

ساجد حسين پنهور ڳوٺ مڏ شريف تعلقہ ۽ ضلع دادو موبائل نمبر
03110351117 /03453244045

## عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته مسمات زاهده پروين (بيواهه) الله ڏنو گهر نمبر 97 ڳوٺ محبت خان سولنگي يونٽ نمبر 3 لطيف آباد حيدرآباد جي رهواسڻ درخواست ڪئي آهي ته سنڌس مڙس الله ڏنو ولد نواز علي، مٿي ڏنل ساڳئي پتي جو رهواسي، قلي طور سرڪاري ملازم هو جيڪو 27 آڪٽوبر 2025 ع تي لاڏالو ڪري ويو دعويدار موجب مرحوم هيٺ بيان ڪيل وارث ڇڏيا آهن جن جا نالا هي آهن .1مسمات زاهده پروين (بيواهه زال) 2. عائزه (نياڻي) 3. فائزه (نياڻي) 4. رخسار (نياڻي) ۽ 5 عريشه (نياڻي)فوتي اسلام منهب سان تعلق رکندڙ هو جيڪڏهن مٿي بيان ڪيل نالن مان ٻيا ڪي فوتي جي وارثي جي دعويٰ ڪن ٿا ته درخواستگذار کي سنڌس وارثي جي سرٽيفڪيٽ تي ڪو اعتراض ناهي ۽ اهڙي دعويٰ ڪندڙ هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي ستن ڏينهن جي اندر مختيارڪار آفيس لطيف آباد، يونٽ نمبر 7 لطيف آباد حيدرآباد ۾ روبرو حاضر ٿي پنهنجا اعتراض داخل ڪرائين بي صورت ۾ مقرر مدو گذرڻ بعد ڪوبہ اعتراض قابل قبول نہ هوندو ۽ درخواستگذار کي فوتي جو وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

**مختيارڪاررونيو تعلقو لطيف آباد**

## عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات شهنيلا عباسي بيواهه معشوق علي عباسي ويٺل ڳوٺ الهڏنو سانڊ تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس گهروارو معشوق علي ولد ممتاز علي عباسي جيڪو ايجوڪيشن ورڪس کاتي ۾ حاضر جوڪيدار هو ۽ فقہ سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 04-07-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات شهنيلا عباسي (بيواهه ) (2) آڪاش عباسي (پٽ) (3) انيلا عباسي (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي 01 زاهد حسين ولد امير بخش عباسي 2 ارشاد ولد محمد صالح لاکو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪو به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

**مختيارڪاررونيو تعلقو مٽياري**

بقايا 1 روزاني عبرت

ڏيندي ٻڌايو آهي ته واقعي واري هنڌ تان رسي پڻ ملي هئي،فوتي ناري جي ساهه ڏيلان ۽ پيءُ ڪيول ميگهواڙ پنهنجي وڌيو بيان ۾ الزام لڳايو آهي ته سنڌس نياڻي کي مبينا طور سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ ڪانپوءِ گلو دٻائي قتل ڪيو ويو ۽ واقعي کي خودڪشي جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.سنڌس چوڻ موجب ساهرن ڪين ڪمري جي ڪڙڪي ۾ لٽڪيل هڪ ننڍڙي رسي ڏيکاري واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو.پر سوال اهو آهي ته ايتري ننڍڙي رسي سان خودڪشي ڪيئن ٿي سگهي ٿي.ناري جي وارثن موجب نياڻي جي موت بابت اطلاع به ساهرن طرفان نہ ڏنو ويو پر پوليس فون ڪري واقعي کان آگاهه ڪيو.جنهن ڪانپوءِ هو ملي مان اسلام ڪوٽ پهتا،هنن الزام لڳايو ته پوليس پوسٽ مارٽم ڪرائڻ ڪانسواءِ لاش وارثن حوالي ڪيو.جنهن سبب نياڻي جي موت بابت سندن خدشا وڌيڪ وڌي ويا آهن.ٻئي طرف پوليس موجب نجار ڪاپاڙي ۾ عورت جو لاش گهر جي هڪ ڪمري مان مليو هو.جڏهن ته ڪرائيم سين جي معائني دوران لاش بيڊ تي پيل هو ۽ ڪمري جي ڪڙڪي ۾ هڪ رسي لٽڪيل حالت ۾ ملي.پوليس جو چوڻ آهي ته انهن شين جي بنياد تي واقعي کي خودڪشي جو شڪ ظاهر ڪيو ويو.پوليس موجب ان وقت فوتي ناريءَ جا والدين پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ راضي نہ هئا.جڏهن ته اسپتال انتظاميا جو موقف آهي ته وارثن پوسٽ مارٽم نہ ڪرائڻ بابت اسٽامپ پيپر تي لکت ۾ رضامندي ڏني هئي.جنهن سبب پوسٽ مارٽم نہ ڪيو ويو

بقايا 2 روزاني عبرت

پهچي ويا ۽ هٿيارن جي زور تي ڪين خوفزده ڪري موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪئي ۽ ان موقعي تي هڪ شهري اشوڪ ڪمار کي تشدد جو نشانو بڻايو وارادات ڪانپوءِ جوابدار آساني سان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثر شهرين ۽ علائقي واسين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي شهرين جو چوڻ آهي ته به ڏينهن اڳ پڻ بخاري محلي ۾ هندو برادري جي هڪ گهر ۾ هٿيارٻند داخل ٿي 3 لک رپيا روڪ رقم ۽ 4 تولا سون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا. بدامني جي باهه پکڙجڻ سبب شهرين ۾ خوف ۽ مايوسي وارو ماحول پيدا ٿي ويو آهي علائقي واسين پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻنهي ڦرن ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦريل رقم ۽ سامان واپس ڪرايو وڃي جڏهن ته ٻاءِ پاس ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوليس گشت وڌائي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 3 روزاني عبرت

انتظار لغاري چيو ته منهنجي ڌيءَ کي هراسان ڪري خودڪشي تي مجبور ڪيو ويو ماسري کي پنج مهينا گذري ويا آهن پر اڃان تائين جوابدار گرفتار ناهن ٿي سگهيا. ايف آءِ آر ڪٽجڻ بعد صرف هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻيا جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن محمد ميڊيڪل يونيورسٽي جي خلاف ڊاڪٽر فهيمده لغاري جي والد وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ميرپور خاص محمد ميڊيڪل يونيورسٽي جي انتظاميا جي بليڪ ميلنگ جي ڪري منهنجي ڌيءَ سميت 4 ڇوڪرين خودڪشي ڪري چڪيون آهن پر يونيورسٽي انتظاميا خلاف اڃا تائين ڪابہ ڪارروائي نہ ٿي آهي پنج مهينا گذرڻ باوجود منهنجي ڌيءَ جي موبائيل جو لاڪ ناهي کلي سگهيو لاڪ کولڻ لاءِ موبائيل لاهور موڪليو ويو ۽ اتان جواب مليو ته لاڪ نہ کلندو پوليس چيو هو ته يونيورسٽي مان 11 موبائل ۽ ليپ ٽاپ تحويل ۾ ورتا آهن پر اڃا تائين انهن جو ڪوبہ ڊيٽا ظاهر نہ ڪيو ويو آهي اسان ڌيءَ جي قتل جي ايف آءِ آر 5 ماڻهن خلاف داخل ڪرائي پر هڪ ملزم عابد ڪانسواءِ ٻيا گرفتار نہ ڪيا ويا آهن جيڪو گرفتار ٿيو آهي اهو ٽنڊوالهيار جي علائقي مسڻ جو پرائمري اسڪول جو استاد آهي هڪ پرائمري استاد کي يونيورسٽي ۾ ليڪچرار ڪري رکيو ويو آهي جڏهن تہ باقي ملزم ميرپور خاص ۾ سرعام آزاد گهمي رهيا آهن ڪيس جو آءِ او نامزد ملزمن کي اڇي سيلوٽ ڪري ٿو ان ڪانپوءِ اسان جو پوليس تان اعتماد ختم ٿي ويو آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

جڏهن ته عمران خان زنده باد جا نعرا پڻ هنيا ويا. ان موقعي تي سهيل احمد آفريدي چيو ته سنڌ جا عوام محب وطن آهن ۽ عمران خان سان محبت ڪن ٿا. هن چيو ته انشاءَالله هاڻي اهو وقت پري ناهي جڏهن عمران خان اوهان جي وچ ۾ موجود هوندو ۽ تمام جلد ٻيهر ملڪ جو وزيراعظم بڻجندو. هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ ملڪ جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت آهي ۽ فارم 47 واري حڪومت جو خاتمو ٿيندو. هاڻي ملڪ ۾ عوام جي حڪومت قائم ٿيندي

بقايا 5 روزاني عبرت

سارنگ سمون ۽ ٻين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي شهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪروڙين رپيا ماهوار بجيٽ باوجود سالن کان ٽڪي جو به ترقياتي ڪم نٿو ڪرايو وڃي جڏهن ته شهر سميت اسان جي وارڊ نمبر هڪ ۽ چار ۾ بار بار شڪايتن باوجود صفائي نٿي ڪرائي وڃي جنهن ڪري علائقي ۾ گندگي جا ڍير لڳي ويا آهن هنن چيو ته سالن کان شهر جي ڪنهن به علائقي ترقياتي ڪم نہ ڪرائڻ ۽ ماهوار بجيٽ ۾ ڪوڙن رپين ذريعي ٿيندڙ ڪرپشن خلاف آواز اٿارڻ تي ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين جي چارڻن پاران ڌمڪين ڏنيون پيون وڃن جيڪا سراسر زيادتي ۽ ناانصافي ڪئي پئي وڃي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر جي وارڊ نمبر هڪ ۽ چار ۾ صفائي نہ ٿيڻ جو نوٽيس وٺي شهر ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر جي ڪيل ڪرپشن جي جاچ ڪري ڪين فوري طور هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج شروع ڪيا ويندا

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ته ناري جي سهري خدابخش زنگيجو ۽ پنو زنگيجو پاران پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ويو ته سونا زنگيجو سندن نوٽهن هئي، هنن ڪيس قتل ناهي ڪيو سندن چوڻ هو ته ناري پنهنجي ڪمري ۾ آپگهات ڪيو جنهن جي خبر پوڻ شرط هنن ناري جي وارثن کي اطلاع ڏنو، جيڪي پوليس سان گڏ پهتا ۽ سڄي صورتحال جو جائزو ورتو. پوليس ڪارروائي ڪندي سنڌس پٽ کي حراست ۾ ورتو جڏهن ته سجاول پوليس پاران جوڙيل جاچ ٽيم واقعي جي جاچ ڪئي جنهن ۾ ڪين بي ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي ڊاڪٽرن پاران جاري ڪيل پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ به آپگهات ڄاڻايو ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي اعليٰ سطح تي اڻ ڌري ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن هو ڏوهاري ثابت ٿين ته قانون موجب سزا جا حقدار آهن هنن وڌيڪ چيو ته سوشل ميڊيا تي سندن خلاف لڳايل الزام بي بنياد آهن تنهنڪري سندن ڪردار ڪشي بند ڪئي وڃي.

بقايا 7 روزاني عبرت

ريجنل بلڊ سينٽر سکر جي آفيسرن ۽ عملي لاءِ فائر سيفٽي ايس او پيز بابت خاص تربيتي نشست پڻ منعقد ڪئي وئي. ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان ريجنل بلڊ سينٽر جي آفيسرن ۽ عملي کي فائر سيفٽي ايس او پيز هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ باهه لڳڻ جي صورت ۾ فوري حفاظتي قدمن ۽ فائر ايڪسٽنگوشر جي درست استعمال بابت تفصيلي تربيت ڏني.

بقايا 8 روزاني عبرت

چانڊيو ۽ ايم پي اي تاج محمد ملاح سان وارڊ نمبر 7 جي ڪائونسلر رئيس عاشق علي گوپانگ جي موجودگي ۾ پاڙي وارن پنهنجي شڪايتون پيش ڪندي چيو ته مشرف جي دور ۾ اسان جون گهٽيون ٺهيون هيون ان کان پوءِ گذريل 18 سالن کان پيپلز پارٽي جي حڪومت باوجود وارڊ ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نہ ٿيو آهي رهواسين چيو ته اسان هميشه پيپلز پارٽي جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرايو پر افسوس جو اڄ ڏينهن تائين اسان جي پاڙي کي ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪيو پيو وڃي ان موقعي تي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته ڪجهه اسڪيمون ڏنيون ويون آهن ۽ ڪجهه وڌيڪ اسڪيمون اچڻيون آهن صرف اوهان جو وارڊ ناهي بدين جا 14 وارڊ آهن ايم پي اي ۽ مان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيون مون کي خبر آهي ته سڄو بدين کنڊر بڻيل آهي ايم اين اي رسول بخش چانڊيو ڪائونسلر رئيس عاشق علي گوپانگ کي هدايت ڪئي ته جيڪڏهن روڊ منظور ٿيل آهي ۽ ان باوجود ڪم ناهي ٿيو ته توهان جي نهيل پنج رڪني ٽيم سان گڏ ان معاملي کي ڏسي ڪم ڪرايو ان موقعي تي ايم پي اي بدين تاج محمد ملاح چيو ته اهي سمورن گهٽين جو ڪم ميونسپل ڪميٽي جو آهي پر اسان ڪم ڪرائي رهيا آهيون بعد ۾ پاڙي وارن جي پيپلز پارٽي اڳواڻ اشرف چانڊيو سان پڻ ملاقات ٿي جنهن اشرف چانڊيو ٻڌايو ان گهٽي بابت ڪائونسلر اڳ ئي آگاهه ڪيو هو ۾ ٺيڪيدار موجود نہ هئڻ سبب ڪم نہ ٿي سگهيو هاڻي وقت گهٽ آهي تنهن هوندي به اها گهٽي ٺهرائي ڏينداسين

بقايا 9 روزاني عبرت

ٻي طرف انساني حقن جي اڳواڻن ۽ پوليس وارثن پاران شاگرديائڻ ۽ سنڌس ڀيڻ کي ملي مان بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.سنڌس وارثن چيو ته اسانجي نياڻي ڊسٽرڪٽ اسپتال ۾ قائم نرسنگ ڪالج جو ڪورس ڪندڙ شاگرديائڻيون آهن جن کي ڪي مبينا طور مارڪ شيٽ ڏيڻ جي بهاني سان گهرائي هڪ خانگي هنڌ تي منتقل ڪيو ويو جتان ڪين مبينا طور نشو ڏيئي اغوا ڪيو ويو واقعي جي اطلاع ملڻ بعد شاگرديائڻ جا وارث سندن ڳولا نڪري پيا جن ضلعي ملي جي ڊسٽرڪٽ اسپتال سان اغوا ٿيل ٻن ڀينرن کي بازياب ڪرايو ويو.وارثن پاران الزام هڻندي چيو ته شاگرديائڻ کي نشي واري دوا ڏيئي بيهوش ڪري اغوا ڪري ڪٿي وٺي ويا اسان ڪافي ڳولا بعد ڪين بازياب ڪرايو آهي ان موقعي تي وارثن پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ايس ايس پي ملي کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ شاگرديائڻ کي مبينا طور اغوا ڪندڙن خلاف قانوني سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ وارثن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 10 روزاني عبرت

اڻهيم ابراهيم ڪيچي حافظ رجب ڦهيم رسول بخش ڦهيم عادل لغاري، وفا حسين شاهه پرويز جت ۽ ٻين ڪٿي احتجاج ڪندڙن لينڊواه چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي الزام هنيو ته نئون مقرر ٿيل ايس ايڇ او شهر ۾ اينديءَ جي شريف شهرين ۽ واپارين کي ٽارگيٽ بڻائي رهيو آهي ۽ بيجا ڪارروايون ڪري رهيو آهي هنن چيو ته پوليس حقيقي منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڪين تحفظ فراهم ڪري رهي آهي، جڏهن ته شريف واپارين ۽ شهرين مٿان ڪوڙا منشيات ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن گسٽا ۽ واپاري اڳواڻن مطالبو ڪيو ته واپاري ۽ استاد ارسلان ڪيچي ميمڻ واري معاملي جي اعليٰ سطحي ۽ شفاف جاچ ڪرائي، جيڪڏهن الزام بي بنياد ثابت ٿين ته سنڌس خلاف داخل ڪيل ڪيس فوري طور ختم ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته مطالبا نہ مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 11 روزاني عبرت

شهيدن کي خراج عقيدت ۽ غازين کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي 6 سيپٽمبر 2026ع تي پوري قوم شايان شان طريقي سان يوم دفاع ۽ شهدا پاڪستان ملهائي رهي آهي اڄ جو ڏينهن اسان کي 1965ع جي جنگ جي ان تاريخي ۽ روشن باب جي ياد ڏياري ٿو جڏهن پاڪ فوج جي غيور آفيسرن جوانن ۽ پوري پاڪستاني قوم پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري ازلي دشمن جا ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا ۽ مادر وطن جي جاگرافيائي سرحدن جو دفاع ڪيو غياث الدين قادري چيو ته يوم دفاع رڳو هڪ تاريخ ناهي پر عزم، استقلال، قومي يڪجهتي ۽ ان عهد جي تجديد جو نالو آهي ته اسان پنهنجي پياري وطن جي سالميت، خودمختياري ۽ وقار تي ڪڏهن به آنچ اچڻ نہ ڏينداسين ميجر عزيز ڀٽي شهيد جهڙن بهادر سپوتن ۽ اسان جي سمورن قومي هيروز جون لازوال قربانيون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته هي قوم جان ته ڏئي سگهي ٿي پر ملڪ جي هڪ انچ زمين به دشمن حوالي نٿي ڪري سگهي هن پروقار ڏينهن جي موقعي تي سمورن ادارن ۽ مختلف مڪتبن فڪر کي اهو پيغام ڏنو وڃي ٿو ته ملڪ کي اندروني ۽ ٻاهرين چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اتحاد، رواداري ۽ محنت جي سخت ضرورت آهي اچو ته ان عزم جو ورجاءُ ڪريون ته پنهنجي هٿيارٻند فوجن سان گڏ بيهي ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين

بقايا 12 روزاني عبرت

ته ڪيو ياد رهي سيد ذوالفقار علي شاهه 2007 ۾ پنهنجي ناظمي دور ۾ مسافر عورتن ۽ ماڻهن لاءِ هي مسافر خانو تعمير ڪرايو پر مقامي پوئتار بنا خوف جي ان کي سرعام ڍهرائي ڇڏيو افسوس ڪنهن به ان غير قانوني عمل جو نوٽيس نہ ورتو . هتان جي عوام گهر ڪئي آهي ته زميندار خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

سلسلي ۾ پرامن مذهبي ريلي ڪيڻ تي ايف آءِ آر نمبر 67/2026 داخل ڪرڻ بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿو ڪري سگهجي بار ايسوسيئيشن جي صدر وڪيل احسان پرڪوڙي جنرل سيڪريٽري وڪيل اصغر چانگ وڪيل محمد رفيق ۽ ٻين آئي جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺي داخل ڪيل ايف آءِ آر واپس وٺڻ ۽ سازش ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو آهي ته بدين بار مذاهب ماڻهن سان گڏ بيٺل آهي ۽ پرامن مذهبي گڏجاڻين کي بنيادي حقن تحت تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي

بقايا 14 روزاني عبرت

پڪڙجي ويو ۽ رهواسين ۾ سخت خوف پيدا ٿي ويو اکين ڏٺن شاهدن موجب ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو جنهن سبب ماڻهن ۾ دهشت پکڙجي وئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ريسڪيو ۽ لاڳاپيل ادارن جون ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ علائقي کي گهيري ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي ذريعن جو چوڻ آهي ته

سيوريج نظام ۾ گئس جمع ٿيڻ يا گئس پائيپ لائين مان ليڪيج سبب ڌماڪو ٿيو البت واقعي جي حتمي سببن بابت لاڳاپيل اختيارين طرفان جاچ جاري آهي ماهرن موجب اهڙي قسم جا واقعا سيوريج لائينن ۾ ميٿين يا ٻين آتش گير گيسن جي جمع ٿيڻ سبب به پيش اچي سگهن ٿا رهواسين مطالبو ڪيو آهي ته قاسم آباد ۽ شيدي ڳوٺ سميت ٻين آبادي وارن علائقن ۾ گئس ۽ سيوريج لائينن جي فوري سروي ڪرائي حفاظتي قدم کنيا وڃن ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن خطرناڪ واقعن کان بچي سگهجي

بقايا 15 روزاني عبرت

عملي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي سردار عاشق علي زئنون سردار امداد لغاري رئيس شاهنواز چانڊيو وڏيرو اعجاز پنهون وڏيرو علي نواز پنهون نظير احمد ملاح نزاڪت جتوئي مبارڪ لنڊ قربان جمالي رئيس سڄڻ چانڊيو سرائي اڪبر جتوئي اسلم جتوئي امتياز ڏاريچ مشتاق چنا راجا وحيد پنهون مشتاق پنهون فرحان جتوئي معشوق ٻبر ۽ ٻين وڏي انگ ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي خان جتوئي چيو ته پارٽي جي تنظيم سازي کي مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ ڪارڪنن سان مشاورت جو سلسلو جاري رکيو ويندو جڏهن ته ضلعي ۽ تعلقي سطح تي تنظيم کي وڌيڪ منظم ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي

بقايا 16 روزاني عبرت

تي پڻ ڪيس سمورو خرچ ڏنو پر افسوس جو 8 مهينا گذرڻ باوجود رڳو پنڌ ڪرائيندو رهيو اڄ جڏهن سنڌس آفيس ۾ داخلا جي معلومات لاءِ ويس ته هن بد اخلاقي ڪندي ڪاغذ مونکي اڇلائي ڏنا ۽ مونتي الر ڪري حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو آتي ويٺل مقامي ماڻهن مونکي بچائي ورتو هن وڌيڪ چيو ته مان هڪ معزز شهري آهيان ڪاغذ ٺهرائڻ منهنجو آئيني ۽ قانوني موجب حق آهي پر افسوس جو مشتاق ڪبر جهڙا ماڻهو آئين ۽ قانون جي لتاڙ ڪري مون سميت عام ماڻهوءَ کي پڻ پريشان ڪري رهيا آهن مان وزيراعلي سنڌ ، گورنر سنڌ ، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد کي اپيل ٿو ڪريان ته مونسان انصاف ڪيو وڃي :

بقايا 17 روزاني عبرت

افتتاح ڪيو تقريب ۾ ڊاڪٽر برڪت لغاري، شفيع محمد سولنگي رياض ناريجو پرنس سمون محمد خان شورو روشن ابڙو عمرالدين مگريو سيد قمر الزمان شاهه ۽ ٻين معززن شرڪت ڪئي چادر چاڙهڻ واري رسم ڪانيو ڊاڪٽر سڪندر علي شورو مگريو شورو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي نئين چونڊيل باڊي جي عهديدارن کان حلف پڻ ورتو.

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪندي الزام هنيو ته علي مراد ٻوزدار جي ڌر سان لاڳاپيل جوابدارن مبينا طور 3 ڄڻن کي قتل ۽ 4 ڄڻن کي زخمي ڪيو پر پوليس طرفان اڃا تائين جوابدارن خلاف اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته جوابدارن جي گرفتاري نہ ٿيڻ سبب سندن خاندان ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي، جڏهن ته خدشو آهي ته جيڪڏهن فوري طور قانوني ڪارروائي نہ ڪئي وئي ته ٻيهر ٽڪرار وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندانن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. واضح رهي ته ٻوزدار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ گذريل 18 سالن کان هلندڙ ٽڪرار دوران هن وقت تائين ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن جنهن سبب علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي.

بقايا 19 روزاني عبرت

هالاڻي آندو جتي لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي آخري اطلاعن تائين لاش جي بابت ڪا به سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي

بقايا 20 روزاني عبرت

خاص دعا ڪئي وئي جڏهن ته سوڳوار خاندان سان تعزيت ۽ افسوس جو سلسلو جاري آهي ڊاڪٽر طفيل احمد سومرو جي لاڏاڻي تي طبي ۽ سماجي حلقن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سندس وفات کي شهر لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو ويو

بقايا 21 روزاني عبرت

لاءِ ڇاپا مار ڪارروائي جو سلسلو تيز ڪيو آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

جڏهن ته علي اصغر ڪانهر کي زخمي ڪيو هو هنن چيو ته واقعي جو ڪيس پير ڳوٺ ٿاڻي تي ڄاڻايل جوابدارن خلاف داخل ٿيل آهي پر هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود پوليس ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو ۽ جوابدار ڪين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي تيمور ڪانهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ مٿن داخل ڪيل مبينا ڪوڙا ڪيس ختم ڪري ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪوآرڊينيٽر هيمن لال ميگهواڙ ڪئي جڏهن ته تقريب کي استادن ۽ شاگردن خطاب ڪندي ايم ايم عالم ميجر عزيز ڀٽي شهيد ۽ پاڪ فوج جي سمورن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ وطن جي دفاع لاءِ سندن لازوال قربانين کي سلام پيش ڪيو يوم دفاع پاڪستان هر سال 6 سيپٽمبر تي 1965ع جي جنگ ۾ دفاع وطن لاءِ ڏنل قربانين جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي مقررين چيو ته پاڪستان جي بهادر سپوتن هميشه وطن جي دفاع لاءِ بي مثال شجاعت ۽ قربانيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي هنن ان عزم جو اظهار ڪيو ته نئين نسل به پنهنجي وطن سان محبت، قومي يڪجهتي ۽ ذميواريءَ جي جذبي کي اڳتي وڌائيندي.تقريب جي پڄاڻيءَ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو ويو ته هن پاڪستان کي بهادر فوج سان نوازيو جيڪي ملڪ جي دفاع لاءِ هر وقت تيار آهي ان موقعي تي "پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج پائنده باد ۽ شهيدن پاڪستان کي سلام" جي پرجوش نعرن سان فضا گونجي اٿي

بقايا 24 روزاني عبرت

سومرو حڪومتي پاليسين ۽ مختلف قانونن تي تنقيد ڪندي چيو ته ختم نبوت سان لاڳاپيل قانون بابت ڪنهن به قسم جي مذاق يا سمجهوتي کي قبول نہ ڪيو ويندو جدوجهد ڪنهن ڏاڍي يا سياسي ٽڪرار بدران سنڌ جي نوجوانن لاءِ روزگار تعليم اسڪولن جي عمارتن روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ آهي راشد محمود سومرو چيو ته "سنڌ هڪ آهي ۽ اوهان ڪيترا به بل پاس ڪريو، سنڌ هڪ ئي رهندي" هن فريال ٽالپر کي مخاطب ٿيندي ميرٽ، نوڪرين ۽ مبينا ڪرپشن ۽ ٻين معاملن بابت سوال اٿاريا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي عوام جي حقن ميرٽ ۽ بنيادي سهولتن لاءِ آواز بلند ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو .

بقايا 25 روزاني عبرت

جنهن ۾ شهر جي هندو برادري جي وڏي انگ شرڪت ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ستگرو ديو پگوان نوم صاحب جن جي آسيسن سان گرو نانڪ صاحب ڌرمي پاٺشالا ۽ پرم پوجيه ماتا صاحب هاسي ديوي ڌرمي پاٺشالا جي گرو جن ۽ وديارٿين پاران منعقد ڪيل هن تقريب ۾ ڌارمڪ عقيدت سان گڏ ثقافتي رنگ پڻ نمايان رهيوان موقعي تي پاٺشالا جي گرو جتن جن ۾ وڪيش ڪمار رکوٻا، سونو ڪمار رکوٻا، راڄارام انداڻي رنجيت ڪمار انداڻي، وديش ڪمار ٻعرا ديپڪ لال کتواڻي ۽ ٻين گرو جن جي نگرانيءَ ۾ شاگردن پاران مختلف ڌارمڪ ۽ ثقافتي پروگرام پيش ڪيا ويا .

بقايا 26 روزاني عبرت

صلح ۽ برادري جي سطح تي حل ڪرڻ لاءِ مختلف برادرين جي معززن ۽ چڱن مڙسن وٽ پڻ فيصلا ڪرايا ويا، پر سنڌس الزام موجب مخالف ڌر بااثر هجڻ سبب انهن فيصلن کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي عائشه سولنگي وڌيڪ چيو ته هو ۽ سنڌس گهرڀاتي پنهنجي ملڪيت جي واپسي ۽ انصاف لاءِ مختلف درن تي رلي رهيا آهن، پر ڪين هن وقت تائين ڪو به مناسب مستقل حل نہ ملي سگهيو آهي هن چيو ته مخالف ڌر طرفان ڪين سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن

جنهن سبب هو ۽ سنڌس گهرڀاتي خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهن احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، زرعي زمين تي مبينا قبضي واري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي عدالتي فيصلي ۽ قانون موجب سندن حقن جو تحفظ ڪيو وڃي

بقايا 27 روزاني عبرت

اورنگزيب قريشي ۽ علي مردان شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن ۽ رهواسين جو چوڻ هو ته هو گذريل 3 سئو سالن کان قريشي ڳوٺ ۾ آباد آهن ۽ سندن زمينن جا کاتا ۽ ٻيا دستاويز پڻ موجود آهن هنن الزام لڳايو ته سائيٽ کاتي جي انجنيئر گلشن ملاڪو پاران ڳوٺ خالي ڪرڻ لاءِ رهواسين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن احتجاج ڪندڙن چيو ته قريشي ڳوٺ جي زمين سندن ابن ڏاڏن جي ملڪيت آهي، جنهن کي خالي ڪرائي صنعتي علائقي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته قديمي ڳوٺ خالي ڪرائڻ وارو عمل فوري طور روڪيو وڃي ۽ رهواسين جا خدشا ختم ڪيا وڃن اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن احتجاج جو نوٽيس نہ ورتو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌائي سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪاوڙجي گهر ٻاهران وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي. ناري جي والده مڱهو ٻاتي ٻڌايو ته غربت سبب سنڌس مڙس پنهنجي ڌي کي ڪانوڙو عيد تي ڪپڙا وٺي نہ ڏنا جنهن تان هن ڪاوڙجي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. ٻي طرف ننگرپارڪر جي ڳوٺ سنڌين جو واڻديو ۾ 24 سالن جي پارسان زال هريش ڪولهي مڙس پاران ڪانوڙي تي مائٽن ۾ نہ ڇڏڻ تي مڙس کان ڪاوڙجي وڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي ننگرپارڪر پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 29 روزاني عبرت

10 هزار روڪ رقم ميڊيا جو سامان لوگا،ڪارڊز اي ٽي ايم ڪارڊ،ضروري ڪاغذات ٿيلو ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي شاهه حسين ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪري واقعي جي اين سي درج ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته سيٺارجا جي صحافين سول سوسائٽي جي اڳواڻن سنئير صحافي گلاب علي سهتو نظام حسين،فاروق علي مگنيجو زاهد گل سولنگي عبدالرشيد مگنيجو،نعمت الله ڪيريو ۽ ٻين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل سامان فوري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

دلشاد کي ڌار ڌار ڄڻن ڪٽن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال ڪنڊيارو آندو ويو.

بقايا 31 روزاني عبرت

